

# مسلمانن تي
# قرآن مجيد جا حق

ڊاڪٽر اسرار احمد رحمة الله عليه جي مشهور ۽ مقبول ڪتاب
”مسلمانوں پر قرآن مجید کے حقوق“ جو سنڌي ترجمو


تاليف : ڊاڪٽر اسرار احمد رحمة الله عليه
سنڌي ترجمو: ارباب علي چنا



انجمن خدام القرآن
سنڌ ڪراچي رجسٽرڊ



# مسلمانن تي
# قرآن مجيد جا حق

ڊاڪٽر اسرار احمد رحمة الله عليه جي مشهور ۽ مقبول ڪتاب
"مسلمانوں پر قرآن مجید کے حقوق" جو سنڌي ترجمو

تاليف : ڊاڪٽر اسرار احمد رحمة الله عليه
سنڌي ترجمو: ارباب علي چنا

انجمن خدام القرآن
سنڌ ڪراچي رجسٽرڊ

# نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو:

﴿إِنَّ اللّٰهَ يَرْفَعُ بِهٰذَا الْكِتٰبِ أَقْوَامًا وَيَضَعُ بِهٖ آخَرِيْنَ﴾

(مسلم : عن عمر بن الخطاب رضي الله عنه)

” الله تبارڪ وتعالیٰ هن ڪتاب ( قرآن پاڪ) ذريعي ڪِن قومن کي عروج بخشندو آهي ۽ ڪِن کي اُن سان ذليل ۽ رسوا (خوار) ڪندو آهي. “

﴿يَا أَهْلَ الْقُرْآنِ لَا تَتَوَسَّدُوا الْقُرْآنَ وَاتْلُوْهُ حَقَّ تِلَاوَتِهٖ مِنْ آنَاءِ اللَّيْلِ وَالنَّهَارِ وَافْشُوْهُ وَتَغَنَّوْهُ وَتَدَبَّرُوْا فِيْهِ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ﴾

(شعب الايمان للبيهقي، بحواله معارف الحديث، جلد پنجم)

”اي قرآن وارو! قرآن کي بس (ٽيڪ لڳائڻ وارو) وِهاڻو ئي نه بڻايو بلڪ ڏينهن رات جي وقتن ۾ اُن جي تلاوت ڪندا رهو. جيئن ان جي تلاوت جو حق آهي ۽ ان کي (دنيا ۾) پکيڙيو ۽ ڪيس مٺي آواز ۾ پڙهندا رهو ۽ اُن تي غور و فڪر ڪندا رهو ته جيئن توهان ڪامياب ٿيو“.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

# پيش لفظ

هيءُ مضمون اصل ۾ هڪ تقرير تي ٻڌل آهي، جيڪا جنوري 1968ء ۾ لڳاتار ٻن جمعن تي جامع مسجد خضراءَ سمن آباد لاهور ۾ ڪئي وئي هئي. ان کان پوءِ اها ساڳي تقرير انهيءَ ئي مهيني ۾ شهر قصور جي هڪ جامع مسجد ۾ خطبي جي موقعي تي اختصار سان بيان ڪئي وئي. ان کان پوءِ وري فيبروري 1968ء اجمل باغ ڪاليج صادق آباد، تعمير ملت هاءِ اسڪول سکر ۽ گورنمنٽ ڪاليج جهنگ ۾ انهيءَ ساڳئي مضمون تي تقريرون ڪيون ويون. تنهن کان پوءِ انهن سڀني تقريرن کي هڪ مضمون جي شڪل ۾ سهيڙي، ڪي قدر اضافي سان ماهوار رسالي "ميثاق" جي مئي ۽ جون 1968ء وارين اشاعتن ۾ شايع ڪيو ويو. هاڻي وري وڌيڪ اضافي سان ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيو پيو وڃي. ڪتاب جو مقصد بلڪل واضح آهي يعني ته ماڻهن کي "**رجوع الي القرآن**" (قرآن ڏانهن موٽڻ) جي دعوت ڏني وڃي ۽ کين قرآن پاڪ پڙهڻ، سمجهڻ ۽ پنهنجي زندگيءَ جو دستور العمل بنائڻ تي آماده ڪيو وڃي. جيڪڏهن ڪنهن به صاحب کي هن تحرير جي مطالعي سان پنهنجي دل جي گهرائيءَ ۾ قرآن مجيد ڏانهن رغبت ۽ شوق جو جذبو پيدا ٿئي ته سندس خدمت ۾ عرض ڪريان ٿو ته هو ليکڪ جي حق ۾ امن ۽ ايمان، سلامتي و اسلام[1] لاءِ دعا ڪري.

**فقط دعائن جو طالب**

خاڪسار : اسرار احمد

---

(1) هڪ مسنون دعا: ﴿اَللّٰهُمَّ اَهِلَّهٗ عَلَيۡنَا بِالۡاَمۡنِ وَالۡاِيۡمَانِ وَالسَّلَامَةِ وَالۡاِسۡلَامِ﴾

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

# هر مسلمان تي سندس صلاحيتن مطابق قرآن مجيد جا پنج (5) حق لاڳو ٿين ٿا


* پهريون حق

ايمان ۽ تعظيم 09

* ٻيو حق

تلاوت ۽ ترتيل 17

* ٽيون حق

تذڪر ۽ تدبر 29

* چوٿون حق

حڪم ۽ اقامت 42

* پنجون حق

تبليغ ۽ تبيين 58


**الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰی هر مسلمان کي انهن حقن کي ادا ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. (آمين)**

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ وَكَفٰى وَسَلَامٌ عَلٰى عِبَادِهِ الَّذِيۡنَ اصۡطَفٰى

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ' بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

رَبِّ اشۡرَحۡ لِيۡ صَدۡرِيۡ وَيَسِّرۡ لِيۡ اَمۡرِيۡ وَاحۡلُلۡ عُقۡدَةً مِّنۡ لِّسَانِيۡ يَفۡقَهُوۡا قَوۡلِيۡ!

منهنجا ديني ڀائرو!

توهان کي معلوم آهي ته اڄڪلهه اسان جي ملڪ ۾ سرڪاري ۽ غير سرڪاري سطحن تي نزولِ قرآن جو چوڏهن سؤ (1400) سالن جو جشن ملهايو پيو وڃي[1]. ان سلسلي ۾ ٻه ڳالهيون سمجهڻ ضروري آهن:

هڪ هي ته ان قسم جون نيون نيون تقريبون اسان جي دين جي مزاج سان مناسبت نٿيون رکن. اسان کي پنهنجن سمورن جذبن جي اظهار لاءِ فقط اهڙين گڏجاڻين تي ئي قناعت ۽ ڪفايت ڪرڻ گهرجي جيڪي نبي ﷺ جن کان ثابت آهن. انهن ۾ نَوَن نَوَن واڌارن سان دين ۾ بدعتن جو دروازو کلي پوي ٿو جن جي ڪري بي شمار خرابيون پيدا ٿين ٿيون. حضور ﷺ جن جو هيءُ فرمان مبارڪ هميشه اسان جي نظر ۾ رهڻ گهرجي:

﴿وَشَرُّ الۡاُمُوۡرِ مُحۡدَثَاتُهَا وَكُلُّ مُحۡدَثَةٍ بِدۡعَةٌ وَّكُلُّ بِدۡعَةٍ ضَلَالَةٌ﴾[2]

”سڀ کان بڇڙا ڪم اُهي آهن جيڪي (دين ۾) نوان ايجاد ڪيا وڃن ٿاهه اهڙا سڀ ڪم بدعت آهن ۽ هر بدعت گمراهي آهي“

(1) واضح رهي ته هي تقرير اُن دؤر جي آهي جڏهن 1968ء ۾ صدر ايوب جي اقتدار جي ڏهن ورهين جي مڪمل ٿيڻ جي خوشيءَ ۾ پوري ملڪ ۾ سرڪاري سطح تي مختلف عنوانن تحت جشن ملهايا پئي ويا. مثال طور جشنِ خيبر ۽ جشنِ مهراڻ وغيره . انهيءَ سلسلي ۾ هڪ ”جشن نزولِ قرآن“ به هو.

(2) سنن النسائی ' کتاب صلاۃ العیدین ' باب کیف الخطبۃ ـ (حديث ۾ اڳتي لفظ آهن ته : هر گمراهي باهه (جهنم) ڏانهن وٺي وڃڻ واري آهي)

موجوده تقريبن جي سلسلي ۾ هر گڏجاڻيءَ سان ”جشن“ جو لفظ ڳنڍيل هجڻ به هڪ خاص معنىٰ رکي ٿو. ان لفظ کي ٻڌڻ سان ئي ماڻهوءَ جو ذهن هرويرو جشن ملهائڻ ڏانهن ڇڪجي وڃي ٿو، جيڪي خيبر کان ڪراچيءَ تائين مختلف علاقائي نالن سان ملهايا پيا وڃن ۽ جن ۾ نام نهاد ثقافت جومظاهرو به ڪيو پيو وڃي. بهرحال اها طرز، قرآني تعليم تي هڪ ظاهر ظهُور ٽوڪ (طنز) ئي آهي. ائين محسوس پيو ٿئي ته ملحد، بي دين ۽ لامقصد ماڻهن لاءِ اهڙن بي شمار جشنن ملهائڻ سان گڏوگڏ جشن نزول قرآن مجيد ملهائڻ به غالبًا هڪ رشوت آهي، جيڪا مذهبي ذوق رکندڙ عوام جي خدمت ۾ پيش ڪئي پئي وڃي! والله اعلم.

ٻي ويچار جوڳي ڳالهه هيءَ آهي ته جيڪڏهن هن قسم جي گڏجاڻين مان اهو فائدو به ورتو وڃي ته انهن جي وسيلي عوام ۾ دين ۽ مذهب سان لڳاءُ پيدا ٿئي يا قرآن حڪيم سان انهن جو ربط ۽ تعلق وڌي ۽ ان دُوريءَ ۾ گهٽتائي ٿئي، جيڪا اڄڪلهه اسان جي ۽ قرآن مجيد جي وچ ۾ پيدا ٿي وئي آهي ته به اهڙين مجلسن يا محفلن کي جائز چوڻ مشڪل آهي. ليڪن جيئن ته توهان کي معلوم آهي ته اهڙي قسم جو ڪو به فائدو اهڙين محفلن مان حاصل نٿو ٿئي. قرآن مجيد جي زيب، زينت ۽ آرائش يا حسن قراءت جي مظاهرن ۽ مقابلن مان ته بهرحال مٿين قسم جي ڪنهن به فائدي جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. جيڪي ڪانفرنسون يا جلسا قرآن مجيد جي نالي سان منعقد ٿين ٿا، تن ۾ اڪثر سمورو زور قرآن مجيد جي مقام ۽ مرتبي جي وضاحت يا ان جي شان بيان ڪرڻ تي ڏنو ويندو ۽ ان ڳالهه ڏانهن تمام ٿورو ڌيان ڏنو ويندو آهي ته هڪ مسلمان جي حيثيت ۾ اسان تي قرآن مجيد جا ڪهڙا ڪهڙا حق لاڳو ٿين ٿا ۽ انهن کي ادا ڪرڻ لاءِ ڪهڙا طريقا اختيار ڪرڻ گهرجن. جيسيتائين قرآن مجيد جي مقام، مرتبي، شان و شوڪت ۽ عظمت جو

تعلق آهي تہ حقيقت ۾ ان جو بيان تہ وڏي ڳالهہ، رڳو ان کي پروڙڻ بہ انسان جي وس کان ٻاهرآهي. سچي ڳالهہ تہ اها آهي تہ:

قدر گوهر شاه داند يا بداند گوهری!

(هيرن جواهرن جو قدر و قيمت يا تہ بادشاهہ ڄاڻي، يا وري جواهري ڄاڻي)

قرآن حڪيم جي اصل مقام ۽ مرتبي جو علم تہ رڳو زمين ۽ آسمان جي بادشاهہ کي ئي آهي، جنهن جو هيءُ ڪلام آهي ۽ قرآن مجيد جي حقيقي قدر ۽ قيمت کان آگاهہ تہ فقط اها برڪت ڀري ذات آهي، جنهن تي هيءُ ڪلام پاڪ نازل ٿيو صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ .[1]

اسان جو اصل ڪم هيءَ آهي تہ اسين ديانتداري سان سڀ کان اڳ اهو سمجهون تہ هن ڪتاب مبارڪ جا ڪهڙا ڪهڙا حق اسان تي لاڳو ٿين ٿا. پوءِ اهو ڏسون تہ اسين اهي حق ادا ڪري رهيا آهيون يا نہ؟ ۽ جيڪڏهن اها خبر پئجي وڃي تہ ڳالهہ جيئن هُئڻ گهرجي تيئن نہ آهي تہ پوءِ سوچيون تہ انهن جي ادا ڪرڻ جو آخر ڪهڙو طريقو ممڪن ٿي سگهي ٿو ۽ پوءِ بنا دير جي ان لاءِ سرگرم ٿي وڃون. ڇو تہ ان ڳالهہ جو سڌو سنئون تعلق اسان جي عاقبت ۽ آخرت ۾ ڇوٽڪاري سان آهي ۽ انهيءَ معاملي ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪوتاهيءَ جو پورائو، رڳو قرآن حڪيم جي شان ۾ قصيدن پڙهڻ سان بهرحال ٿي نٿو سگهي. تنهنڪري

---

(1) قرآن مجيد جي حقيقي قدر و منزلت ۽ مقام و مرتبي جو ادراڪ عام انساني ادراڪ جي سطح کان ايتري قدر مٿانهون آهي جو انساني فڪر جي رهنمائي لاءِ خود قرآن مجيد هڪ مثال ذريعي ان جو هلڪو تصور پيش ڪيو آهي تہ :

﴿لَوْ اَنْزَلْنَا هٰذَا الْقُرْاٰنَ عَلٰى جَبَلٍ لَّرَاَيْتَهٗ خَاشِعًا مُّتَصَدِّعًا مِّنْ خَشْيَةِ اللّٰهِ ؕ وَتِلْكَ الْاَمْثَالُ نَضْرِبُهَا لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمْ يَتَفَكَّرُوْنَ ۝﴾ (الحشر:21)

”جيڪڏهن اسين هي قرآن ڪنهن جبل تي نازل ڪريون ها تہ تون ان کي الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰى جي خوف کان جُهڪندڙ ۽ ٽُڪرا ٽُڪرا ٿيندڙ ڏسين ها. ۽ اهي مثال اسان ماڻهن لاءِ بيان ڪريون ٿا تہ جيئن اُهي غور و فڪر ڪن“

آئون اجوڪِي هن گڏجاڻيءَ ۾ انهن ڳالهين تي ڪِي قدر تفصيل سان گفتگو ڪندس.

## هر مسلمان تي قرآن مجيد جا پنج حق

جيڪڏهن ڏکين عربي لفظن ۽ ديني اصطلاحن کان پاسو ڪري عام فهم زبان استعمال ڪجي ته قرآن مجيد جا پنج حق هر مسلمان تي لاڳو (عائد) ٿين ٿا:

1. هڪ هي ته ان کي مڃجي. (ايمان ۽ تعظيم)
2. ٻيو هي ته ان کي پڙهجي. (تلاوت ۽ ترتيل)
3. ٽيون هي ته ان کي سمجهجي. (تذڪر ۽ تدبر)
4. چوٿون هي ته ان تي عمل ڪجي. (حڪم ۽ اقامت)
5. پنجون هي ته ان کي ٻين تائين پهچائجي. (تبليغ ۽ تبيين)

هاڻي آئون چاهيان ٿو ته انهن پنجن ئي حقن جي ڪجهه تفصيل ۽ انهن سان لاڳاپو رکندڙ اصطلاحن جي مختصر سمجهاڻي توهان جي سامهون بيان ڪريان، جيڪي قرآن مجيد ۾ ئي استعمال ٿيون آهن ته جيئن توهان قرآن مجيد جي ڪِن بنيادي اصطلاحن کان به واقف ٿيو.

## پهريون حق

## ايمان ۽ تعظيم

مڃڻ يا يقين ڪرڻ جو اصطلاحي نالو ايمان آهي. ۽ ان جا ٻه پهلو (پاسا) آهن: هڪ ”اِقْرَارٌ بِاللِّسَانِ“ ۽ ٻيو ”تَصْدِيْقٌ بِالْقَلْبِ“. لساني اقرار يعني زبان سان اقرار ڪرڻ، اسلامي دائري ۾ داخل ٿيڻ لاءِ لازمي شرط آهي ۽ قلبي تصديق يعني دل سان تصديق ڪرڻ، حقيقي ايمان لاءِ نهايت ضروري عنصر (جزو) آهي.

قرآن مجيد تي ايمان آڻڻ جو مطلب هي آهي ته زبان سان اقرار ڪجي ته قرآن مجيد الله تَبَارَكَ وَتَعَالىٰ جو ڪتاب آهي، جيڪو هڪ معتبر فرشتي حضرت جبرئيل عليه السلام جي ذريعي الله تَبَارَكَ وَتَعَالىٰ جي آخري رسول حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جن تي نازل ٿيو. ان اقرار سان انسان اسلام جي دائري ۾ داخل ٿي وڃي ٿو پر حقيقي ايمان تڏهن ئي نصيب ٿيندو آهي جڏهن انهن سيني ڳالهين تي پختو يقين ماڻهوءَ جي دل ۾ پيدا ٿي وڃي. پوءِ ظاهر آهي ته جڏهن اها ڪيفيت پيدا ٿي وڃي ته پوءِ پاڻمرادو (خود بخود) قرآن پاڪ جي عظمت جو نقش دل تي ڄمي ويندو ۽ جيئن جيئن قرآن پاڪ تي ايمان وڌندو ويندو، تيئن تيئن ان جي تعظيم ۽ احترام ۾ به واڌارو ٿيندو ويندو. مطلب ته ايمان ۽ تعظيم هڪ ٻئي لاءِ لازم ۽ ملزوم آهن.

قرآن مجيد مان معلوم ٿئي ٿو ته قرآن تي سڀ کان پهرين خود نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن ۽ سندن ساٿين سڳورن رضوان الله عليهم اجمعين ايمان آندو هو.

﴿اٰمَنَ الرَّسُوْلُ بِمَآ اُنْزِلَ اِلَيْهِ مِنْ رَّبِّهٖ وَالْمُؤْمِنُوْنَ﴾ (البقرة: 285)

”رسول صلي الله عليه وسلم انهيءَ هدايت تي ايمان آندو آهي، جيڪا مٿس سندس رب جي طرفان نازل ٿي آهي ۽ جيڪي ماڻهو انهيءَ رسول جا مڃيندڙ آهن، انهن به انهيءَ هدايت کي دل سان مڃيو آهي “

اهو ايمان پوري دل جي سچائي سان هو ۽ انهيءَ گهري يقين تي ٻڌل هو ته هيءَ الله تَبَارَكَ وَتَعَالىٰ جو ڪلام آهي. تنهن ڪري هڪ طرف ته ان جي تعظيم ۽ احترام جو گهرو نقش سندن دلين تي ويهي رهيو ۽ ٻي طرف بيحد محبت ۽ گهري عشق جو تعلق ڪتابُ الله سان قائم ٿي ويو. اهو ئي سبب آهي جو نبي سائين صلي الله عليه وسلم جن کي وحي نازل ٿيڻ جو بي چينيءَ سان انتظار رهندو هو ۽ پاڻ سڳورا صلي الله عليه وسلم جن ان لاءِ سخت

بي قرار پڻ رهندا هئا ۽ چاهيندا هئا تہ وحي جلد از جلد ايندي رهي. پوءِ جڏهن قرآن مجيد نازل ٿيندو هو تہ پاڻ سڳورا ﷺ انتهائي شوق سان جلدي جلدي ان کي ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. ايتري قدر جو هڪ آيت ۾ الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰی پاڻ سڳورن ﷺ کي نهايت ئي محبت ۽ شفقت سان انهيءَ معاملي ۾ حد کان وڌيڪ ڪوشش ڪرڻ کان منع فرمايو. ارشاد ٿيو تہ:

﴿وَلَا تَعْجَلْ بِالْقُرْاٰنِ...﴾ (طٰهٰ:114)

”۽ قرآن پڙهڻ ۾ جلدي نہ ڪريو.“

۽

﴿لَا تُحَرِّكْ بِهٖ لِسَانَكَ لِتَعْجَلَ بِهٖ﴾ (القيامة: 16)

”جلدي جلدي قرآن پڙهڻ (ياد ڪرڻ) لاءِ پنهنجي زبان کي تِکو تِکو نہ چوريو (يعني تيزيءَ سان حرڪت نہ ڏيو).“

قرآن پاڪ جي نازل ٿيڻ واري شروعاتي دؤر ۾ جڏهن هڪ دفعو وحيءَ جي اچڻ ۾ ڪجهہ دير ٿي وئي تہ اُها دير پاڻ ڪريم ﷺ جن لاءِ ايتري قدر تہ ڏکوئيندڙ هئي جو حضور ﷺ جن فرمائين ٿا تہ: ”سخت غم جي ڪري آئون سوچيندو هئس تہ پنهنجو پاڻ کي جبل تان هيٺ ڪيرائي ماري ڇڏيان“. رات جو اڪثر حصو پاڻ سڳورا ﷺ جن پنهنجي پروردگار جي آڏو نماز ۾ بيهي قرآن مجيد پڙهندي گذاريندا هئا، تان جو سندن پير مبارڪ سُجي پوندا هئا ۽ قرآن مجيد جي ئي شاهدي آهي تہ پاڻ سڳورا ﷺ روزانو رات جو ٽيون حصو يا اڌ رات يا مُني رات تائين (نماز ۾) قرآن مجيد پڙهندي پڙهندي گذاريندا هئا ۽ ڪيترائي اصحابي سڳورا رضي الله عنهم پڻ سندن پيروي ڪندا هئا، جيئن اڳتي هلي آئون تفصيل سان عرض ڪندس. گهڻا اصحابي رضي الله عنهم هفتي ۾ هڪ دفعو تہ ضرور قرآن مجيد ختم ڪندا هئا ۽ خود نبي ڪريم ﷺ، جن تي قرآن پاڪ نازل ٿيو هو، تن جو اهو حال هوندو هو جو اصحابي

سڳورن ﷡ کي وري وري فرمائش ڪري قرآن مجيد ٻڌندا هئا ۽ اڪثر ڪري ان جي غير معمولي تاثير سببان ڪانئن لڙڪ وهڻ لڳندا هئا.

پاڻ سڳورن ﷺ ۽ اصحابي سڳورن ﷡ جي قرآن مجيد سان انهيءَ تعلق ۽ ايتري قدر محبت جو اصل سبب هيءُ هو تہ کين ”حق اليقين“ حاصل هوندو هو تہ هيءُ الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جو ڪلام آهي. ان جي بلڪل ابتڙ اسان جو حال آهي! قرآن پاڪ جي ”مُنَزَّلٌ مِنَ اللّٰهِ “ [1] هجڻ جو اقرار تہ اسان بيشڪ ڪريون ٿا ۽ ان تي الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جو جيترو شڪر ڪجي اوترو گهٽ آهي جو هُن اسان کي اهڙن ماڻهن ۾ پيدا ڪيو آهي جيڪي قرآن مجيد کي الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جو ڪلام مڃين ٿا. ليڪن، اِلّا ما شاء الله، قرآن مجيد جي ”ڪلامُ الله“ هجڻ جو يقين اسان کي پوريءَ طرح حاصل نہ آهي ۽ درحقيقت اهو ئي اسان جي قرآن پاڪ کان دُوريءَ ۽ ان ڏانهن توجهہ نہ ڏيڻ جو اصل سبب آهي. توهان شايد منهنجي انهيءَ ڳالهہ تي ناراض ٿي وڃو پر جيڪڏهن اسين پنهنجين دلين کي چڱيءَ طرح جانچي ڏسون ۽ ان جي گهرائي ۾ جهاتي پائيون تہ اسان کي جلد معلوم ٿي ويندو تہ اصل ۾ اسان جون دليون قرآن جي يقين کان خالي آهن ۽ مختلف قسم جي شڪن ۽ شبهن اسان جي دلين ۾ ديرو جمائي ڇڏيو آهي. اسان جي ان ڪيفيت جو نقشو قرآن مجيد ۾ هينئين لفظن ۾ چٽيو ويو آهي:

﴿وَاِنَّ الَّذِيْنَ اُوْرِثُوا الْكِتٰبَ مِنْۢ بَعْدِهِمْ لَفِيْ شَكٍّ مِّنْهُ مُرِيْبٍ﴾

(الشوریٰ: 14)

”۽ جيڪي ماڻهو (الله جي ڪتاب) جا وارث ٿيا انهن کان پوءِ، سي ان (ڪتاب) جي باري ۾ شڪ ۽ شبهي ۾ مبتلا آهن.“

---

(1) الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي طرفان نازل ڪيل

اهو ئي سبب آهي جو اسان جي دلين ۾ نه ته ان جي ڪا عظمت آهي ۽ نه ئي قرآن مجيد کي پڙهڻ لاءِ اسان جي طبيعت آماده ٿئي ٿي، نه ان تي غور ۽ فڪر جي ڪا رغبت اسان جي دلين ۾ پيدا ٿئي ٿي ۽ نه ئي وري ڪڏهن ان کي پنهنجي زندگي جو حقيقي دستور العمل بنائڻ جو خيال اسان جي ذهن ۾ پيدا ٿئي ٿو. هن ڏکوئيندڙ صورتحال جو اصل سبب ايمان ۽ يقين جي گهٽتائي ئي آهي ۽ جيستائين ان کي دُور (پَري) نه ڪبو، تيستائين ڪنهن به وعظ ۽ نصيحت مان ڪو جٽادار (پائدار) نتيجو نڪري نه سگهندو.

**تنهن ڪري اسان مان هر هڪ جو پهريون فرض اهو ئي هجڻ گهرجي ته اسين پنهنجين دلين کي چڱيءَ طرح جانچي ڏسون ته ڇا اسان قرآن مجيد کي فقط هڪ ورثي ۾ مليل مذهبي عقيدي (Dogma) هئڻ جي ڪري هڪ اهڙو مقدس آسماني ڪتاب مڃيون ٿا، جنهن جو زندگيءَ ۾ ان جي سمورن معاملن سان ڪو به لاڳاپو نه آهي؟ يا وري اسان کي واقعي يقين آهي ته قرآن مجيد الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جو اهو ڪلام آهي، جيڪو ان لاءِ نازل ٿيو آهي ته ماڻهو سندس هدايت تي هلن ۽ ان کي پنهنجي زندگيءَ جو دستور العمل بڻائين!**

جيڪڏهن جواب ٻي ڳالهه آهي ته پوءِ اسان پنهنجو مقصد ماڻيو، ڇاڪاڻ ته اهائي ڳالهه ته گهربل آهي. پر جيڪڏهن جواب ۾ پهرين ڳالهه آهي ۽ مون کي انديشو آهي ته اسان جي وڏي اڪثريت انهيءَ حالت ۾ مبتلا آهي ته پوءِ اسان کي سڀ کان اڳ پنهنجي ايمان جي انهيءَ ڪوت کي پورو ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻي پوندي. ڇاڪاڻ ته قرآن مجيد جي بين سيني حقن کي ادا ڪرڻ جو پورو مدار انهيءَ شيءَ تي ئي آهي.

سوال ٿو پيدا ٿئي ته اها ڪوت پوري ڪرڻ لاءِ ڪهڙيون عملي تدبيرون آهن؟ ان جو جواب هي آهي ته ايمان کي وڌائڻ لاءِ سڀ کان

وڏيڪ سولو ۽ سپ کان وڌيڪ اثرائتو ذريعو تہ فقط ايمان ۽ يقين وارن جي صحبت آهي. صحابہ ڪرام رضوان الله عليهم اجمعين جي دلين ۾ ايمان ۽ يقين جي جيڪا ڪيفيت ”مجسمِ ايمان“ ۽ ”مرڪزِ يقين“ يعني نبي ڪريم ﷺ جن جي صحبت جي ڪري پيدا ٿي هئي، تنهنجو تصور بہ هن وقت ناممڪن آهي.— پاڻ سڳورن ﷺ جن جي وفات کان پوءِ عوام الناس (عام عوام) ايمان جو نور حاصل ڪرڻ لاءِ اهڙن خاصن (ڀلارن ۽ نيڪن) جي صحبت جا ئي محتاج آهن، جن جي دلين ۾ ايمان ۽ يقين جون شمعون روشن آهن. پر خود انهن ”خاصن“ لاءِ ايمان جي نور جو سڀ کان وڏو سرچشمو ۽ ذريعو قرآن مجيد آهي. ۽ ان کان پوءِ حديثن، روايتن، ۽ سيرت رسول ﷺ ۽ سيرت صحابہ رضوان الله عليهم اجمعين جو اهڙو مطالعو جنهن سان طالب ڪي حضور ﷺ ۽ اصحابن رضي الله عنهم جن جي معنوي صحبت ملي سگهي.— باقي رهيو خود قرآن مجيد تي يقين ۽ منجهس واڌارو تہ ان جو فقط هڪ ئي ذريعو آهي ۽ اهو خود قرآن مجيد آهي[1]

**جيئن اڳتي هلي آئون ڪي قدر تفصيل سان عرض ڪندس تہ ايمان درحقيقت ڪا خارج مان آٽي مڙهڻ ۽ ٿاڦڻ جي شيءِ نہ آهي. ان جي شمع تہ انسان جي پنهنجي اندر ۾ روشن آهي ۽ انسان جو قلب بذات خود هڪ اهڙو آئينو آهي، جنهن ۾ ڪائنات جون اِهي سموريون حقيقتون پاڻ ئي عڪس وجهن ٿيون، جن جو پيو نالو ايمان آهي. ٿيندو رڳو ايئن آهي تہ غلط**

(1) وہ جنس نہیں ایمان جسے لے آئیں دکانِ فلسفہ سے
ڈھونڈے سے ملے گی قاری کو یہ قرآں کے سیپاروں میں
(مولانا ظفر علی خان)

## ماحول ۽ غلط تعليم ۽ تربيت جي ڪري انسان جي باطني شمع جي روشني جهڪي (گهٽ) ٿي[1] ويندي آهي ۽ سندس بد عملين جي ڪري سندس دل جو آئينو دونهاٽجي ويندو آهي[2]

انهيءَ آئيني کي صاف ڪرڻ لاءِ ۽ انسان جي باطني شمع جي نور کي اجاگر ڪرڻ لاءِ ئي ڪلامِ الٰهي ﴿تَبْصِرَةً وَّ ذِكْرٰى لِكُلِّ عَبْدٍ مُّنِيْبٍ﴾[3] بڻجي نازل ٿيو آهي. حق جي تلاش جي نيت سان قرآن مجيد کي پڙهجي ۽ ان تي غور ۽ فڪر ڪجي ته حجاب هٽي ويندا آهن ۽ انسان جو باطن ايمان جي نور سان ٻهڪڻ لڳندو آهي.

هيءُ ته ٿيو ايمان جي نور جي شروعاتي تحصيل، ان کان پوءِ به جڏهن ڪنهن غفلت يا حيواني خواهش جي غلبي ۽ اثر سبب قلب جي آئيني تي ڏنڊ چڙهي وڃي ته ان کي اجارڻ ۽ صاف ڪرڻ جو مؤثر ترين ذريعو به فقط قرآن مجيد ئي آهي، جيئن حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنه جي روايت مطابق حضور صلي الله عليه وسلم جن فرمايو:

﴿اِنَّ هٰذِهِ الْقُلُوْبَ تَصْدَأُ كَمَا يَصْدَأُ الْحَدِيْدُ اِذَا اَصَابَهُ الْمَاءُ، قِيْلَ يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ مَا جِلَاءُ هَا ؟ قَالَ : كَثْرَةُ ذِكْرِ الْمَوْتِ وَتِلَاوَةُ الْقُرْآنِ﴾

(رواه البيهقي)

---

(1) ﴿كُلُّ مَوْلُوْدٍ يُوْلَدُ عَلَى الْفِطْرَةِ... الخ﴾....(حديث نبوي صلي الله عليه وسلم)”هر انسان اسلام جي فطرت تي پيدا ٿيو آهي، پوءِ سندس والدين کيس يهودي يا عيسائي يا مجوسي بڻائي ڇڏيندا آهن.“

(2) ﴿كَلَّا بَلْ ۜ رَانَ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ مَّا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ﴾ (المطففين: 14) ”هرگز نه! بلڪ سندن عملن جي نتيجي ۾، سندن دلين تي ڪٽ چڙهي وئي آهي“

(3)”سمجهاڻي ۽ نصيحت آهي هر انهي ٻانهي لاءِ جيڪو رجوع ڪندڙ آهي“ (سورة قٓ: 8)

”هنن دلين تي ڪَٽ چڙهي ويندي آهي، جهڙي طرح پاڻي پوڻ سان لوهه تي ڪٽ چڙهي ويندي آهي. معلوم ڪيو ويو ته اي الله جا رسول ﷺ! ان ڪٽ کي ختم ڪيئن ڪجي؟ فرمايائون: موت کي گهڻو ياد ڪرڻ ۽ قرآن جي تلاوت ڪرڻ سان.“

مطلب ته فقط هڪ موروثي عقيدي طور قرآن مجيد کي هڪ مقدس آسماني ڪتاب مڃڻ سان اسان جي موجوده صورتحال ۾ ڪا به تبديلي نٿي اچي سگهي، ۽ قرآن مجيد سان اسان جو بي توجهي وارو رويّو، جيڪو هن وقت آهي، اهو نٿو بدلجي سگهي. قرآن مجيد جا جيڪي حق اسان تي لاڳو ٿين ٿا، تن جي ادائگيءَ جو پهريون شرط هي آهي ته سڀ کان اڳ اسان جي دلين ۾ اهو يقين پيدا ٿئي ته قرآن مجيد الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جو ڪلام آهي ۽ اسان جي هدايت لاءِ نازل ٿيو آهي.

انهيءَ يقين جي پيدا ٿيڻ سان ئي قرآن مجيد سان اسان جي تعلق ۾ هڪ انقلاب اچي ويندو. اهو احساس ٿيڻ ته هيءُ اسان جي انهيءَ خالق ۽ مالڪ جو ڪلام آهي، جنهن جي ذات تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ ”وَراءُ الْوَراءِ ثُمَّ وَرَاءُ الْوراءِ“ [1] آهي ۽ جنهن بابت ادنيٰ ترين درجي جو تصور به اسان جي وَس کان ٻاهر آهي ۽ جنهن جي ذات جي ادراڪ (پروڙ ۽ فهم) کان عاجزي جو احساس ئي بقول افضل البشر بعد الانبياءِ، (حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه)، ڪمال ادراڪ آهي[2]، اهو احساس اسان جي فڪر ۽ نظر ۾ هڪ زبردست انقلاب برپا ڪري ڇڏيندو. پوءِ اسان کي محسوس

(1) الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي ذات اسان جي عقل ۽ فهم جي ادراڪ کان ٻاهر آهي.

(2) حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جو هڪ مشهور قول ﴿اَلْعِجْزُ عَن درك الذَّاتِ اِدْرَاكٌ﴾ جنهن تي حضرت علي رضي الله عنه هيءُ واڌايو ڪيو ته: ﴿وَالْبَحْثُ عَنْ كُنْهِ الذَّاتِ اِشْرَاكٌ﴾ ترجمو: ” الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي ذات جي ادراڪ کان عاجزي ظاهر ڪرڻ ئي سڀ کان وڏو ادراڪ آهي“ ۽ ”سندس ذات جي گهرائي ۾ کوجنا ڪرڻ به هڪ شرڪ آهي.“

ٽيندو تہ هن زمين تي آسماني ڇت هينئان، قرآن مجيد کان وڏي ڪا بہ دولت ناهي ۽ ان کان عظيم ترين نعمت ڌرتيءَ جي متاڇري تي ٻي ڪا بہ موجود نہ آهي.(1)

پوءِ قرآن مجيد جي تلاوت اسان جي لاءِ روح جي غذا ۽ ان تي غور ۽ فڪر اسان جي دلين ۽ دماغن لاءِ روشني بڻجي ويندو ۽ يقينًا اها ڪيفيت پيدا ٿي ويندي تہ قرآن مجيد جي تلاوت مان اسين ڪڏهن بہ ڍاپي (پيٽ ڀري) نہ سگهنداسون ۽ پنهنجين بهترين ذهني ۽ فڪري صلاحيتن ۽ پنهنجي پوري عمر (زندگي) ان تي تدبر و تفڪر ۾ کپائڻ کان پوءِ بہ اسان ائين محسوس ڪنداسون تہ:

حق تو یہ ہے کہ حق ادا نہ ہوا !

# پيو حق

## تلاوت ۽ ترتيل

قرآن جي پڙهڻ لاءِ خود قرآنِ مجيد ۾ جيتوڻيڪ قراءت ۽ تلاوت ٻئي لفظ استعمال ٿيا آهن پر احترام ۽ تعظيم سان مقدس آسماني ڪتاب سمجهندي، ذهني ۽ نفسياتي لحاظ سان پنهنجو پاڻ کي ان جي حوالي ڪندي، اتباع ۽ پيروي جي جذبي سان قرآن مجيد کي پڙهڻ لاءِ اصل قرآني اصطلاح ”**تلاوت**“ ئي آهي. ان ڪري تہ هي لفظ صرف آسماني صحيفن پڙهڻ لاءِ ئي خاص آهي، جڏهن تہ قراءت هر شيءِ کي پڙهڻ لاءِ عام آهي ۽ وري ان ڪري بہ تہ تلاوت جو لغوي مفهوم ”ڪنهن

(1) جيئن هڪ حديث ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ ”جنهن شخص کي قرآن جهڙي دولت ملي ۽ پوءِ بہ سندس دل ۾ هيءُ خيال پيدا ٿيو تہ ڪنهن ٻئي کي ان کان وڌيڪ نعمت ملي آهي تہ ان قرآن جو قدر ۽ منزلت کي نہ سڃاتو.“

سان گڏ هجڻ ۽ پنيان پنيان هلڻ” پڻ آهي. جڏهن تہ قراءت فقط ”گڏ ڪرڻ ۽ ملائڻ” لاءِ اچي ٿو.

عام گفتگو ۾ شروع ۾ قراءت جو لفظ قرآن مجيد سکڻ ۽ قرآن جو علم حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندو هو ۽ قاري قرآن جي عالم کي چئبو هو. پر پوءِ هي اصطلاح قرآن مجيد کي گهٽي اهتمام ۽ ڪوشش سان، تجويد جي قاعدن مطابق پڙهڻ ۽ هر اکر کي مخرج (اُچار) مطابق ادا ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندو ويو. جڏهن تہ تلاوت جو لفظ عام طرح الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ ڏانهن رجوع ٿيڻ ۽ خشوع خضوع سان برڪت ۽ نصيحت وٺڻ لاءِ قرآن پڙهڻ لاءِ استعمال ٿيڻ لڳو.

ڪلام پاڪ جي تلاوت هڪ تمام وڏي عبادت هئڻ سان گڏوگڏ ايمان کي تازو رکڻ جو مؤثر ترين ذريعو آهي.

> قرآن پاڪ رڳو هڪ ڀيرو پڙهي ڇڏڻ جي شي نہ آهي، بلڪ وري وري پڙهڻ ۽ هميشہ پڙهندو رهڻ جي شي آهي. ڇاڪاڻ تہ اهو روح لاءِ غذا جيان (وانگر) آهي ۽ جيئن انساني جسم پنهنجي بقا ۽ قوت لاءِ لڳاتار خوراڪ جو محتاج آهي جيڪا انسان جي حيواني جسم وانگر سموري زمين مان ئي حاصل ٿئي ٿي، تيئن ئي انساني روح جيڪو خود آسماني شيءِ آهي، سو رباني ڪلام ذريعي مسلسل غذا ۽ قوت جو محتاج آهي!

جيڪڏهن قرآن فقط هڪ دفعو ئي پڙهڻ جي شئ هجي ها تہ گهٽ ۾ گهٽ نبي ﷺ جن کي بار بار قرآن پڙهڻ جي قطعًا ڪا حاجت نہ هئي. پر قرآن مان معلوم ٿئي ٿو تہ پاڻ سڳورن ﷺ جن کي الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ مسلسل قرآن پڙهڻ لاءِ بار بار تاڪيد فرمائي هئي. پاڻ سڳورن ﷺ کي بلڪل شروعاتي ڏينهن ۾ انتهائي تاڪيدي حڪم هو تہ رات جو اڪثر حصو پنهنجي رب جي حضور ۾ هوريان هوريان ۽ جهلي جهلي قرآن پڙهندي گذاريو. پوئين دؤر ۾ بہ، خاص طور تي جڏهن مشڪلاتن

۽ مصيبتن جو زور هوندو هو ۽ صبر ۽ استقامت جي سخت ضرورت هوندي هئي تہ اُن وقت پاڻ ڪريم ﷺ جن کي قرآن جي تلاوت جو ئي حڪم ڏنو ويندو هو. تنهنڪري سورة الڪهف ۾ ارشاد آهي تہ:

﴿وَاتْلُ مَآ اُوْحِيَ اِلَيْكَ مِنْ كِتٰبِ رَبِّكَ ۭ لَا مُبَدِّلَ لِكَلِمٰتِهٖ ڜ وَلَنْ تَجِدَ مِنْ دُوْنِهٖ مُلْتَحَدًا﴾ (الڪهف: 27)

”۽ پڙهندا رهو ان وحيءَ کي جيڪا تنهنجي رب جي ڪتاب مان تو ڏانهن نازل ڪئي پئي وڃي. ڪو سندس ڳالهين کي بدلائڻ وارو نہ آهي ۽ تون هن کان سواءِ ڪٿي بہ پناهہ جي جاءِ نہ لهي سگهندين.“

۽ سورة العنڪبوت ۾ ارشاد ٿيو:

﴿اُتْلُ مَآ اُوْحِيَ اِلَيْكَ مِنَ الْكِتٰبِ وَاَقِمِ الصَّلٰوةَ﴾ (العنڪبوت: 45)

”۽ پڙهندا ڪريو ان وحيءَ کي جيڪا ڪتابِ الهيٰ مان توهان ڏانهن موڪلي وئي ۽ قائم رکو نماز کي!“

ان مان معلوم ٿيو تہ قرآن پاڪ جي تلاوت لڳاتار ڪندو رهڻ تمام ضروري آهي ۽ اها شيء مؤمن جي روح جي غذا، ايمان جي تازگي ۽ شادابيء جو اهم ترين ذريعو ۽ مشڪلاتن ۽ رَنڊڪن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ مؤمن جو سڀ کان مؤثر هٿيار آهي.

الله جي ڪتاب جي سچي قدردانن جي اها ڪيفيت قرآن مجيد ۾ هن ريت بيان ٿي آهي:

﴿اَلَّذِيْنَ اٰتَيْنٰـھُمُ الْكِتٰبَ يَتْلُوْنَهٗ حَقَّ تِلَاوَتِهٖ﴾ (البقرة: 121)

”جن ماڻهن کي اسان ڪتاب عطا ڪيو آهي سي ان جي تلاوت ائين ڪن ٿا، جيئن ان جي تلاوت جو حق آهي.“

الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰى اسان سڀني کي ان آيت ڪريمہ مطابق بڻائي ۽ اسان سڀني کي اها توفيق عطا فرمائي تہ اسين قرآن مجيد جي تلاوت جو حق

ادا ڪري سگهون. ان لاءِ سڀ کان اڳ اهو سمجهڻ ضروري آهي ته قرآن پاڪ جي تلاوت جو حق ڇا آهي؟ ۽ ان جي ادائگي جا ڪهڙا شرط آهن؟

## (1) تجويد

سڀ کان پهرين ضروري شيءِ آهي قرآن مجيد جي حرفن (اکرن) جي سڃاڻپ، انهن جي مخرج (اچارڻ) جو صحيح علم ۽ قرآني رموز و اوقاف (بيهڻ جي نشانين) جي ضروري معلومات حاصل ڪرڻ. ان کي اصطلاح ۾ تجويد چيو ويندو آهي. ان کان سواءِ قرآن مجيد جي صحيح ۽ روان تلاوت ممڪن نه آهي. اڄ کان ٽيهه چاليهه سال اڳ هر مسلمان ٻار جي تعليم جي شروعات ان سان ئي ٿيندي هئي ۽ ٻار سڀ کان پهريان قرآن مجيد جي اکرن جي سڃاڻپ ۽ ان جي صحيح ادائگي جي صلاحيت حاصل ڪندو هو. افسوس جو هاڻي ڪافي عرصي کان مسجدن ۽ مڪتبن ۾ تعليمي زوال (تباهي) ۽ ڪنڊر گارڊن (K.G) قسم جي اسڪولن جي رواج سببان صورتحال اهڙي پيدا ٿي وئي آهي جو مسلمان قوم جي نوجوان نسل جي هڪ وڏي اڪثريت ۽ گهڻا پوڙها ۽ پڪيءَ عمر جا ماڻهو به قرآن مجيد کي ڏسي (ناظره) به پڙهي نٿا سگهن. آئون اهڙن سيني ماڻهن کي عرض ڪندس ته هو پنهنجي انهيءَ ڪوتاهيءَ جو احساس ڪن ۽ جلد از جلد ان جي پورائي جي ڪوشش ڪن. توڙي جو هو عمر جي ڪهڙي به مرحلي ۾ هجن، قرآن مجيد کي صحيح پڙهڻ جي صلاحيت لازمًا پيدا ڪن. گڏوگڏ اسان کي گهرجي ته پنهنجي اولاد جي باري ۾ طئي ڪريون ته سندن تعليم جي شروعات ان سان ئي ڪئي ويندي ۽ سڀ کان پهريان اهي قرآن شريف جي اکرن جي سڃاڻپ ۽ انهن کي صحيح مخرج (اچارڻ) سان ادا ڪرڻ سکندا. ان معاملي ۾ حد کان وڌيڪ سختي توڙي ڪٽي چڱي ڳالهه نه آهي، پر قرآن مجيد کي رواني سان، صحيح آوازن ۽ مخرجن ۽ رمزن ۽ وقفن جي درستي سان پڙهڻ جي طاقت رکڻ ته هر معمولي پڙهيل لکيل انسان

جي لاءِ بہ لازم آهي ۽ قرآن مجيد جي تلاوت جو حق ادا ڪرڻ لاءِ پهريون شرط آهي.

## (2) روزانو جو معمول

قرآن مجيد جي تلاوت جو حق ادا ڪرڻ لاءِ ٻي ضروري شيءِ هيءَ آهي تہ قرآن جي تلاوت کي زندگي جي روزمره جي ڪمن ۾ مستقل طور شامل ڪيو وڃي ۽ هر مسلمان تلاوت جو هڪ مقرر مقدار پابندي سان لازمي طور پڙهندو رهي. تلاوت جو مقدار مختلف ماڻهن لاءِ مختلف ٿي سگهي ٿو. وڌ ۾ وڌ مقدار جنهن جي حضور ﷺ جن تصديق فرمائي آهي، سا هيءَ آهي تہ ٽن ڏينهن ۾ پورو قرآن مجيد ختم ڪيو وڃي. يعني ڏهہ پارا روزانو پڙهيا وڃن ۽ گهٽ ۾ گهٽ مقدار جنهن کان گهٽ جو تصور بہ ماضي قريب جي زماني تائين ڪونہ هو، سو هي آهي تہ هڪ پارو روزانو پڙهيو وڃي. اهڙي طرح هڪ مهيني ۾ پورو قرآن مجيد ختم ڪيو وڃي. حقيقت هي آهي تہ اهو گهٽ ۾ گهٽ نصاب آهي، جنهن کان گهٽ مقدار ۾ روزاني تلاوت کي، تلاوت چئي نٿو سگهجي. وچولو درجو جنهن تي اڪثر صحابہ رضی اللہ عنہم اجمعین جو عمل هوندو هو ۽ جنهن جو حڪم بہ هڪ روايت مطابق پاڻ سڳورن ﷺ جن حضرت عبدالله بن عمر رضی اللہ عنہ کي ڏنو هو، سو هي هو تہ هر هفتي هڪ قرآن مجيد ختم ڪيو وڃي. اهو ئي سبب آهي تہ اصحابي سڳورن رضی اللہ عنہم جي دؤر ۾ قرآن مجيد جي ورهاست ستن ”منزلن/ حزبن“ (حصن) ۾ هوندي هئي[1]. جن مان پهريون ڇهہ منزلون ترتيبوار ٽن، پنجن، ستن، نون، يارهن ۽ تيرهن سورتن تي ٻڌل آهن. ۽ ستين منزل مفصل سڏبي آهي، جيڪا باقي بچيل قرآن مجيد تي ٻڌل آهي. اهڙي طرح هر منزل ٿورو ڪِي گهٽو چئن پارن جيترو ٿئي ٿي. جنهن جي

(1) واضح رهي تہ ٽيهن پارن ۽ رڪوعن جي ورهاست بعد ۾ ٿي آهي.

تلاوت نهايت سڪون ۽ اطمينان سان ٻن ڪلاڪن ۾ ڪري سگهجي ٿي. اهو وقت ڏينهن رات جي ڏهين پتيءَ کان به گهٽ آهي.

قرآن مجيد جي تلاوت جو هي نصاب هر اُن شخص لاءِ لازمي آهي، جيڪو ديني ذهن ۽ مذهبي ذوق رکندڙ آهي ۽ قرآن پاڪ جي تلاوت جو حق ادا ڪرڻ جو خواهشمند آهي. چاهي اهڙو شخص عوام مان هجي يا اهل علم ۽ دانشمند طبقي سان تعلق رکندڙ هجي، ڇاڪاڻ ته جيستائين روح جي غذا ۽ قوت جو تعلق آهي، انهيءَ اعتبار سان ته هر شخص ان جو محتاج آهي. ان کان علاوه عوام کي ان سان هدايت ۽ نصيحت حاصل ٿيندي ۽ علم وارن کي ان سان پنهنجي علم ۽ فڪر جي شمع کي روشن رکڻ لاءِ مدد ۽ رهنمائي ملندي.[1] ايستائين جو اهي ماڻهو به، جيڪي ڏينهن رات قرآن حڪيم تي غور و فڪر ۽ تدبر ۾ غرق هوندا آهن ۽ قرآن حڪيم جي هڪ هڪ سورت تي سالن جا سال غور ۽ فڪر ڪندا رهندا آهن ۽ قرآن جي ڏکين مقامن کي سمجهڻ لاء ڪافي وقت لڳائيندا آهن، سي به قرآن مجيد جي روزاني ۽ مسلسل تلاوت کان آجا (آزاد) نه آهن. بلڪ انهن کي ته ٻين جي نسبت تلاوت جي گهڻي ضرورت آهي، ڇاڪاڻ ته قرآن پاڪ جي مسلسل تلاوت سان انهن جون ڪيتريون ئي مشڪلون خود بخود حل ٿي وينديون آهن ۽ بي شمار نوان نوان گوشا (پاسا، رخ) ظاهر پيا ٿيندا آهن.

---

(1) حقيقت اها آهي ته ڄاڻُو ۽ سياڻا ماڻهو جيڪي مونجهارن جا حل ڳولهڻ ۾ رڌل ۽ ڦاٿل رهندا آهن، اُهي قرآن مجيد جي مسلسل تلاوت سان اڪثر محسوس ڪندا ته ڄڻ اچانڪ سندن مونجهارو دُور ٿي ويو ۽ مسئلي جو حل سامهون اچي ويو ۽ قرآن مجيد جي ڪنهن اهڙي هنڌان ڪين روشني حاصل ٿي وئي، جنهن جي تلاوت ڪيترئي ڀيرا ڪئي هئي پر جيئن ته ڀهرين ذهن ۾ مسئلو موجود نه هو، تنهن ڪري ان پهلو ڏانهن ڌيان ئي نه پئي ويو.

## (3) خوش الحاني

قرآن مجيد جي تلاوت جي حقن مان هڪ حق هي بہ آهي تہ هر شخص پنهنجي وَس آهر (مطابق) بهتر کان بهتر طريقي سان، سٺي مان سٺي آواز سان وڏ ۾ وڏ منڙي ۽ موهيندڙ سُر سان قرآن مجيد جي تلاوت ڪري. ڇاڪاڻ تہ سٺي آواز ٻڌڻ جو شوق ٿورو ڪِي گهڻو هر انسان ۾ قدرت طرفان پيدا ڪيو ويو آهي، تنهن ڪري منو آواز بهرحال هر شخص کي وڻي ٿو. اسلام دين فطرت آهي، تنهن ڪري انسان جي ڪنهن بہ فطري جذبي کي بلڪل ختم نٿو ڪري. بلڪ سيني فطري جذبن کي سنئين دڳ (سڌي رستي) لڳائي ٿو. سهڻي شيءِ کي ڏسڻ ۽ منو آواز ٻڌڻ انسان جا فطري جذبا آهن. قرآن پاڪ جي وڻندڙ ۽ خوبصورت ڪتابت هڪ مؤمن جي نظر کي حقيقي سڪون ڏئي ٿي ۽ قرآن جي وڻندڙ آواز سان تلاوت، سندس ٻڌڻ جي ذوق کي آسودگي عطا ڪري ٿي— اهو ئي سبب آهي جو حضور ﷺ جن تاڪيد فرمائي آهي تہ:

﴿زَيِّنُوا الْقُرآنَ بِأَصْوَاتِكُمْ﴾ (1)

”قرآن کي پنهنجي آوازن سان سينگاريو“

۽ گڏوگڏ ان معاملي ۾ ڪوتاهي ڪرڻ تي هينئين لفظن ۾ تنبيهہ فرمائي آهي تہ:

﴿مَنْ لَّمْ يَتَغَنَّ بِالْقُرْآنِ فَلَيْسَ مِنَّا﴾ (2)

”جيڪو قرآن کي سهڻي آواز ۾ نہ پڙهي سو اسان مان ناهي.“

(1) عن البراء بن عازب رضی اللہ عنہ، رواہ ابوداؤد والنسائی۔

(2) عن سعد بن ابی وقاص رضی اللہ عنہ رواہ ابوداؤد۔

۽ ان ڏس ۾ ماڻهن کي وڏيڪ شوق ڏيارڻ لاءِ ٻڌايو ويو آهي تہ:

﴿مَا اَذِنَ اللّٰهُ لِشَیْءٍ مَا اَذِنَ لِنَبِیٍّ اَنْ یَتَغَنّٰى بِالْقُرْآنِ یَجْهَرُ بِهٖ﴾ (1)

”الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰى ڪنهن شيءِ کي بہ ايترو ڌيان سان نٿو ٻڌي جيترو نبي ﷺ جي آواز کي ٻڌي ٿو جڏهن هو قرآن مجيد جي بلند آواز ۾ خوش الحاني سان تلاوت ڪندا آهن.“

ڪيترائي ڀيرا ائين ٿيندو هو جو پاڻ سڳورا ﷺ واٽ ويندي ڪنهن اصحابيءَ سڳوري رضي الله عنه کان مٺي آواز ۾ قرآن مجيد پڙهندي ٻڌندا هئا تہ بيهي رهندا هئا ۽ پوءِ ڪلامُ الله پڙهڻ واري کي شاباس ڏيندا هئا. ان کان علاوه بہ مختلف وقتن تي پاڻ سڳورا ﷺ اصحابن رضي الله عنهم کي فرمائش ڪري ڪانئن قرآن مجيد ٻڌندا هئا. جيئن حديث ۾ هڪ واقعو آيو آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ جن حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه کي قرآن مجيد ٻڌائڻ جي فرمائش ڪئي. حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه عرض ڪيو تہ: ”حضور ﷺ! چا آئون اوهان کي قرآن ٻڌايان؟ جيتوڻيڪ اهو اوهان تي ئي تہ نازل ٿيو آهي!“ پاڻ ﷺ فرمايو: ”هائو! آئون چاهيان ٿو تہ ٻئي کان قرآن مجيد ٻڌان!“ پوءِ حضرت ابن مسعود رضي الله عنه ڪين قرآن مجيد ٻڌايو ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا. ساڳيءَ طرح هڪ دفعو پاڻ سڳورن ﷺ هڪ اصحابيءَ (حضرت ابوموسىٰ اشعري رضي الله عنه) کي مٺي آواز ۾ قرآن پڙهندي ٻڌو ۽ هنن لفظن سان سندس واکاڻ فرمائي تہ ”توکي آلِ دائود (عليه السلام) جي سُرن مان حصو مليو آهي.“

هن معاملي ۾ بہ مبالغو جيتوڻيڪ نقصانڪار آهي، خاص ڪري جڏهن ان ۾ بناوت ۽ رياڪاري شامل ٿي وڃي ۽ جڏهن تلاوت هڪ پيشو بڻجي وڃي، تڏهن تہ اها ڳالهہ انتهائي هاجيڪار (نقصانڪار) شيءِ

(1) عن سعد بن ابي وقاص رضی الله عنه، رواه ابوداؤد۔

بنجي وڃي ٿي. ليڪن هر شخص کي پنهنجي وِٽندڙ آواز جي ذوق جي پُورائي بهرحال قرآن مجيد جي تلاوت ۽ قراءت کي بِڌڻ ۾ ئي تلاش ڪرڻ گهرجي ۽ پاڻ به وس آهر سهڻي کان سهڻي طريقي موجب تلاوت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري.

## (4) ظاهري ۽ باطني آداب

قرآن مجيد جي تلاوت جي حقن کي ادا ڪرڻ جي شرطن ۾ تلاوت جا ڪي ظاهري ۽ ڪي باطني اَدبَ پڻ شامل آهن، يعني ته تلاوت ڪرڻ وقت ماڻهو کي وضو هجي، قبلي ڏانهن مهاڙ ڪري ويهي تلاوت ڪري ۽ شروعات " اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطَانِ الرَّجِيْمِ " سان ڪري ۽ سندس دل ڪلامُ الله ۽ صاحبِ ڪلام ﷺ ٻنهي جي عظمت سان پريل هجي. دل جي حُضوري، خشوع و خضوع، پوري توجهه سان ۽ الله تَبَارَكَ وَتَعَالىٰ ڏانهن رجوع جي جذبي سان تلاوت ڪري ۽ خالص هدايت جي نيت سان ۽ قرآن مجيد جي تقاضائن مطابق، پنهجو پاڻ کي بدلائڻ جي پڪي ارادي سان قرآن مجيد جي تلاوت ڪري. تلاوت دوران مسلسل غور و فڪر ۽ تدبر ڪندو رهي ۽ پنهنجن من گهڙت خيالن ۽ نظرين جي تصديق قرآن مان حاصل ڪرڻ جي بجاءِ (بدران) وس آهر حقيقي طور تي منجهانئس هدايت حاصل ڪرڻ لاءِ قرآن کي پڙهي. جاڪاڻ ته جيئن عرض ڪيو ويو آهي ته تلاوت جو لغوي مفهوم "پنيان هلڻ" ۽ "گڏ رهڻ" آهي ۽ پنهنجو پاڻ کي انهيءَ هدايت جي حوالي ڪرڻ جي ڪيفيت ئي تلاوت جو اصلي جوهر آهي.

## (5) ترتيل

تلاوت جي اعلىٰ ترين صورت اها آهي ته ٻانهون نماز ۾ (خاص ڪري تهجد جي نماز ۾) پنهنجي رب جي آڏو هٿ ٻڌي بيهي ۽ نهايت سڪون ۽ اطمينان سان متي ڄاڻايل سيني شرطن جي پابندي ڪندي

ناهي ناهي وقف ڪندي قرآن مجيد پڙهندو وڃي، جنهن سان دل تي اثرات نقش ٿيندا ويندا. قرآن مجيد جي اصطلاح ۾ اهڙي تلاوت جو نالو ”ترتيل“ آهي. نبي ڪريم ﷺ جن کي جيڪي احڪام رسالت جي بلڪل منڍ (شروع ) واري دؤر ۾ ڏنا ويا هئا، تن مان غالبًا اهم ترين حڪم اهو ئي هو ته:

﴿يَآيُّهَا الْمُزَّمِّلُ ○ قُمِ الَّيْلَ اِلَّا قَلِيْلًا ○ نِّصْفَهٗٓ اَوِ انْقُصْ مِنْهُ قَلِيْلًا ○ اَوْ زِدْ عَلَيْهِ وَرَتِّلِ الْقُرْاٰنَ تَرْتِيْلًا ○﴾ (المزمل: 1 - 4)

”اي ڪپڙو ويڙهڻ وارا ﷺ ! رات جو (نمازن ۾) بيهندو ڪر پر ٿورو حصو، (يعني) اڌ رات يا ان کان ڪجهه گهٽ يا ان کان ڪجهه وڌيڪ ۽ قرآن کي ٺاهي ٺاهي پڙهندو ڪر.“

قرآن کي ٺاهي ٺاهي پڙهڻ ۾ ڪنهن حد تائين، نزول قرآن سان به مشابهت پيدا ٿئي ٿي. ڇاڪاڻ ته خود حضور ﷺ جن تي قرآن ”جُمْلَةً وَّاحِدَةً“ (يعني هڪ ئي دفعي ۾) نه لٿو هو، بلڪ ٿورو ٿورو ڪري نازل ٿيو هو. ۽ سورة الفرقان ۾ الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰى ڪافرن جو اهو اعتراض نقل ڪري ٿو ته آخر سارو (مڪمل) قرآن هڪ ئي دفعي ڇو نازل نٿو ٿئي، ۽ جواب ۾ الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰى پاڻ سڳورن ﷺ کي خطاب ڪري فرمايو ته:

﴿كَذٰلِكَ لِنُثَبِّتَ بِهٖ فُؤَادَكَ وَرَتَّلْنٰهُ تَرْتِيْلًا﴾ (الفرقان:32)

”اهڙي طرح (لاٿو سون) ته جيئن اسان ان ذريعي اوهانجي دل کي مضبوط ڪريون ۽ پڙهيوسون اُنکي جلهي جلهي.“

انهيءَ مان هي به معلوم ٿيو ته ترتيل (جهلي جهلي پڙهڻ) قلب (دل) جي مضبوطيءَ جو ذريعو آهي ۽ اهڙي طرح قرآن پڙهڻ سان انساني قلب کي وڏ ۾ وڏ فيض ۽ فائدو حاصل ٿئي ٿو. ايسيتائين جو ڪلامُ الله جي زبردست اثر سببان دل تي روئڻ جي ڪيفيت طاري ٿي ويندي

آهي. ان ڪري علامہ ابن عربيءَ احڪام القرآن واري، ترتيل جي تفسير ۾ حضرت حسن بصري رحمه الله کان هيءَ روايت نقل ڪئي آهي تہ هڪ ڀيري پاڻ ڪريم ﷺ جن جو گذر هڪ اهڙي شخص وٽان ٿيو، جيڪو قرآن مجيد اهڙي طرح پڙهي رهيو هو جو هڪ هڪ آيت پڙهندو پئي ويو ۽ روئندو ٿي ويو تنهن تي حضور ﷺ جن صحابہ اڪرام رضي الله عنهم کي فرمايو تہ ”چا توهان الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جو قول مبارڪ ﴿وَرَتِّلِ الْقُرْاٰنَ تَرْتِيْلًا﴾ نہ ٻڌو آهي؟ ڏسو هيءَ آهي ترتيل“. قرآن مجيد کي ترتيل سان پڙهڻ جو حڪم آنحضور ﷺ جن جي هن مبارڪ قول ۾ بہ موجود آهي تہ:

﴿اُتْلُوا الْقُرْاٰنَ وَابْكُوْا﴾ (ابن ماجه)

”قرآن پڙهو ۽ روئو“

تنهن ڪري خود نبي پاڪ ﷺ جن جي تهجد واري نماز جي هيءَ ڪيفيت روايتن ۾ بيان ٿي آهي تہ قرآن پڙهندي پڙهندي روئڻ جي جوش سبباں، سندن سيني مبارڪ مان اهڙو آواز نڪرندو هو جيئن ڪا هاندي (ديڳڙي) چلهي تي اُبري (ٽهڪي) رهي هجي.

## (6) حفظ

انهيءَ ترتيل جو لازمي شرط اهو آهي تہ وڏ کان وڏ قرآن مجيد کي ياد ڪيو وڃي. بدقسمتيءَ سان اهو شوق بہ اسان وٽ ڏينهون ڏينهن گهٽجندو پيو وڃي ۽ هينئر تقريبًا ختم ٿي چڪو آهي. هڪ تہ قرآن ياد ڪرڻ جو رڳو اهو ئي طريقو رائج آهي تہ سڄو قرآن مجيد ياد ڪيو وڃي ۽ ان لاءِ ظاهر آهي تہ ننڍپڻ جو زمانو ئي موزون ٿي سگهي ٿو، جڏهن تہ ڪلام پاڪ جي معنىٰ ۽ مفهوم سمجهڻ جو هن زماني ۾ ڪو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. جيتوڻيڪ اهو شوق بہ هينئر گهٽبو ٿو وڃي ۽ اِلَّا مَاشَاءَ الله هاڻي تہ قرآن مجيد حفظ ڪرڻ فقط غريبن جي هڪ طبقي وٽ ڌنڌي جي حيثيت اختيار ڪري چڪو آهي. حالانڪ اسان جي زماني

۾ حال اهو هوندو هو جو چڱن ۽ سرنديءَ وارن خاندانن ۾ حفظِ قرآن جو چڱو خاصو چوبول هوندو هو. هندستان جا بعض شهر ته اهڙا به هوندا هئا جن ۾ اڪثر گهرن ۾ ڪيترائي حافظ هوندا هئا ۽ اُهو گهراڻو نهايت نياڱو ليکبو هو جنهن ۾ هڪڙو به حافظ نه هجي. قرآن پاڪ حفظ ڪرڻ جو سلسلو نهايت مبارڪ آهي ۽ قرآن پاڪ جي حفاظت لاءِ الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي تدبيرن مان هڪ تدبير پڻ آهي، تنهن ڪري ان ڪم ڏانهن به نئين سر توجهه ۽ شوق جي شديد ضرورت آهي. پر آئون هتي خاص طرح جنهن حفظ جو ذڪر ڪري رهيو آهيان، سو حفظ اهو آهي، جنهن موجب ترتيل سان قرآن پڙهڻ جو حق هر مسلمان تي واجب آهي يعني هيءُ ته هر مسلمان وڏ ڪان وڏ لڳاتار قرآن ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ته جيئن ان لائق ٿي سگهي ته رات جو پنهنجي پالڻهار جي دربار ۾ حاضر ٿي سندس ڪلام ڪيس ٻڌائي سگهي. افسوس آهي جو اهو ذوق هينئر بلڪل ختم ٿي ويو آهي، ايتري قدر جو عالم سڳورا به ان ڪان بي پرواه ٿي ويا آهن ۽ مسجدن جا امام صاحب، جن کي قرآن مجيد سان گهڻو واهپو ۽ واسطو هئڻ گهرجي، تن جو حال به اهو ٿي ويو آهي جو بس جيترو قرآن مجيد ڪڏهن ياد ڪيو هيائون، ان تي قناعت ڪري وينا آهن ۽ مَٽائي سَٽائي انهن ئي (ياد ڪيل) سورتن کي نمازن ۾ پڙهندا رهندا آهن.

**ان جي برعڪس (اُبتڙ)، هئڻ ائين گهرجي ته هر شخص قرآن جي ان حصي کي جيڪو کيس ياد هجي، تنهن کي پنهنجو اصل اثاثو ۽ سرمايو (ملڪيت) سمجهي ۽ ان ۾ مسلسل واڌاري لاءِ ڪوشش ڪندو رهي ته جيئن قرآن پاڪ جي تلاوت جي سڀ کان اعليٰ صورت يعني ترتيل سان گهٽي ڪان گهٽو لطف حاصل ڪري سگهي — ۽ پنهنجي روح کي گهٽي ڪان گهٽي غذا، بهتر کان بهتر صورت ۾ فراهم ڪري سگهي.**

# ٽيون حق

## تذڪر ۽ تدبر

مجڻ ۽ پڙهڻ کان پوءِ قرآن مجيد جو ٽيون حق هيءُ آهي ته ان کي ”سمجهيو“ وڃي ۽ ظاهر آهي ته الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جو ڪلام نازل ئي ان لاءِ ٿيو آهي ۽ ايمان جو لازمي تقاضا پڻ اهو ئي آهي ته ان جو فهم حاصل ڪيو وڃي. ان کي سمجهڻ کانسواءِ تلاوت ڪرڻ فقط انهن ماڻهن لاءِ جائز ٿي سگهي ٿو جيڪي لکڻ، پڙهڻ ۽ سکڻ جي ڄمار کان ٽپي چڪا هجن. اهڙا ماڻهو جيڪڏهن اٽڪي منديءَ طريقي سان به تلاوت ڪن ٿا ته اها به غنيمت آهي. ان جو ثواب کين ضرور ملندو. ايتري قدر جو هڪ اهڙو اڻ پڙهيل شخص جيڪو ناظره قرآن به پڙهي نٿو سگهي ۽ هينئر ان لاءِ ان جو سکڻ ممڪن به نه هجي، اهو ماڻهو جيڪڏهن ان يقين سان ته قرآن مجيد الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جو ڪلام آهي، قرآن کي کولي ويهي ٿو ۽ محبت و عقيدت ۽ احترام و تعظيم سان قرآن جي سِٽن مٿان رکيو هٿ گهمائي ٿو ته سندس اهو عمل به پڪ سان هن لاءِ ثواب ۽ برڪت جو سبب ٿيندو. پر[1] اهي پڙهيل لکيل ماڻهو جن تعليم

(1) درحقيقت اِها ئي اُها حقيقت آهي جيڪا هڪ حديث ۾ بيان ٿي آهي، ليڪن جنهن مان اها ڳالهه بلڪل غلطيءَ طور سمجهي وئي ته چڱو ڀلو پڙهيل لکيل ۽ باصلاحيت ماڻهو به بغير سمجهه ۽ ويچار جي غلط سَلط پڙهڻ تي به الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ وٽ ثواب جو حقدار ٿيندو. حديث هي آهي: ﴿عَنْ عَائِشَةَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا قَالَتْ قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ : اَلْمَاهِرُ بِالْقُرْآنِ مَعَ السَّفَرَةِ الْكِرَامِ الْبَرَرَةِ وَالَّذِىْ يَقْرَءُ الْقُرْآنَ وَيَتَتَعْتَعُ فِيْهِ وَهُوَ عَلَيْهِ شَاقٌّ لَّهٗ اَجْرَانِ﴾ (بخاری و مسلم)

”حضرت عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي ته حضور ﷺ جن فرمايو ته: قرآن جي ماهر جو درجو معزز ۽ فرمانبردار فرشتن جو آهي ۽ جيڪو شخص قرآن پڙهندي اٽڪندو هجي ۽ ان لاءِ مشقت برداشت ڪري، ته انهيءَ لاءِ ٻيڻو اجر آهي“

(دنياوي) پرائيندي حياتيءَ جو چڱو خاصو حصو گذاري ڇڏيو آهي ۽ دنيا جا گهڻا علم ۽ هنر حاصل ڪيا اٿن. نه رڳو مادري زبان، بلڪ غير ملڪي زبانون پڻ سکيون اٿن، اهڙا ماڻهو جيڪڏهن قرآن مجيد کي بنا سمجهڻ جي پڙهن ٿا ته عين ممڪن آهي ته قرآن جي تحقير، توهين، مسخري ۽ مذاق واري هلت هلڻ جا ڏوهاري سمجهيا وڃن ۽ هن قرآن کان منهن موڙڻ جي سزا تلاوت جي ثواب کان به وڌي وڃي. سواءِ ان جي ته هو قرآني علم حاصل ڪرڻ جو پڪو پهه (ارادو) ڪن ۽ ان لاءِ ڪوشش ۽ جدوجهد به شروع ڪري ڏين. ان دوران جيڪڏهن رڳو تلاوت به ڪندا رهن ته به اميد آهي ته ڪين اجر ملندو رهندو.

"**فهم قرآن**" ڪا سادي ۽ معمولي شيءِ به ناهي پر ان جا بي شمار درجا ۽ مرحلا آهن ۽ هر انسان علم جي انهيءِ اٿاهه ۽ اڻ ڪُٿي سمنڊ مان پنهنجي پنهنجي فطري صلاحيت، ذهني بناوٽ ۽ مزاج موجب محنت، تحقيق ۽ جستجو جي ذريعي حصو حاصل ڪري سگهي ٿو. تان جو ڪوبه انسان پلي کهڙي به اعلىٰ استعداد (قابليت) جو مالڪ ڇو نه هجي ۽ ڪيتري به محنت ڇو نه ڪري ۽ سڄي ڄمار (عمر) قرآن ۾ تدبر ۽ تفڪر ڪندي ڇو نه گذاري ڇڏي هجيس، بهرحال اهو ممڪن ناهي ته ڪنهن مرحلي تي پهچڻ کان پوءِ هن جي اُڃ اُجهامي وڃي ۽ هو محسوس ڪري ته ڪيس قرآن جو پورو فهم حاصل ٿي ويو آهي. ان لاءِ جو خود نبي سڳورن ﷺ جن قرآن بابت ارشاد فرمايو آهي ته : "هيءُ هڪ اهڙو خزانو آهي جنهن جا عجائبات ڪڏهن به ختم نه ٿيندا ۽ ان تي غور و فڪر ڪندي انسان ڪڏهن به فارغ نه ٿي سگهندو". (1)

(1) حضرت علي رضي الله عنه کان روايت ڪيل هڪ ڊگهي حديث ۾ قرآن مجيد بابت حضور سائين ﷺ جن جا هينيان لفظ نقل ڪيل آهن: ﴿وَلَا يَشْبَعُ مِنْهُ الْعُلَمَاءُ وَلَا يَخْلُقُ عَنْ كَثْرَةِ الرَّدِّ وَلَا تَنْقَضِي عَجَائِبُهُ﴾ (رواه الترمذی والدارمی)

﴿وَفِيْ ذٰلِكَ فَلْيَتَنَافَسِ الْمُتَنَافِسُوْنَ﴾ [1] انهيءَ ڪري اهو ضرور ٿيڻ گھرجي ته عزم ۽ همت جا صاحب، حوصلن جا ڏاڍي ۽ امنگن جا امير هن ميدان ۾ داخل ٿين ۽ پنهنجا ڪارناما سرانجام ڏيڻ ۾ هڪ ٻئي ڪان اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪن.

”سمجهڻ“ جي متعلق هونئن ته قرآن مجيد ۾ فهم و فڪر ۽ عقل و فقه جي طرح جا سيئي لفظ استعمال ڪيا ويا آهن، پر عجيب ڳالهه اها آهي ته قرآن جي فهم لاءِ جيڪو وسيع اصطلاح قرآن مجيد ۾ سڀ کان وڌيڪ استعمال ٿيو آهي سو آهي ”ذڪر و تذڪر“ (ذڪر ۽ تذڪر). اهوئي سبب آهي ته خود قرآن مجيد جابجا پنهنجو پاڻ کي ذڪر، ذِڪرىٰ ۽ تذڪره جي لفظن سان ظاهر ڪري ٿو. هيءَ اصطلاح حقيقت ۾ قرآن جي فهم جي پهرين منزل بابت خبر ڏئي ٿو ۽ سندس اصل مقصد ۽ حقيقي ماڳ جو ڏس پڻ ان مان ملي ٿو، ۽ گڏوگڏ انهيءَ حقيقت ڏانهن به رهنمائي ملي ٿي ته قرآني تعليمات انساني نفس لاءِ ڪا اجنبي شيء ناهن. بلڪ اُهي ته انساني فطرت جون ترجمان آهن ۽ انهن جي اصل حيثيت ”ياد ڏياريندڙ“ جي آهي، نه ڪنهن نئين ڳالهه ”سيکارڻ“ جي.—

قرآن مجيد سيني باشعور انسانن کي، جن کي هو ﴿أُولُوا الْأَلْبَابِ﴾ ۽ ﴿قَوْمٌ يَّعْقِلُوْنَ﴾ جو نالو ڏئي ٿو، سوچڻ ۽ عقل کان ڪم وٺڻ جي دعوت ڏئي ٿو ۽ ان لاءِ اولين ميدان آفاق (ڪائنات) ۽ انفس (پنهنجو نفس) کي قرار ڏئي ٿو، جيڪي الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي نشانين سان ٽِمٽار آهن. گڏوگڏ

◄ ”علماء ڪڏهن به هن ڪتاب مان نه ڍاپندا (سير ٿيندا) ۽ نه تلاوت جي ڪثرت ۽ تڪرار سببان ان جي لطف ۾ ڪا ڪمي ايندي ۽ نه سندس عجائبات يعني (علم ۽ معرفت جا خزانا) ڪڏهن ختم ٿيندا.“

(1) ”۽ شوقينن کي جڳائي ته اُنهيءَ ۾ شوق رکن.“ (المطففين: 26)

هو قرآن مجيد جي آيتن ۾ غور ڪرڻ جي دعوت پڻ ڏئي ٿو ۽ چوي ٿو ته:

﴿كَذٰلِكَ نُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّتَفَكَّرُوْنَ﴾ (يونس: 24)

”اهڙيءَ طرح اسين پنهنجيون آيتون کولي بيان ڪريون ٿا، انهن ماڻهن لاءِ جيڪي تفڪر (غور و فڪر) ڪن ٿا“

۽ فرمايائين:

﴿وَاَنْزَلْنَآ اِلَيْكَ الذِّكْرَ لِتُبَيِّنَ لِلنَّاسِ مَا نُزِّلَ اِلَيْهِمْ وَلَعَلَّهُمْ يَتَفَكَّرُوْنَ﴾ ( النحل: 44)

”۽ لاٿوسون تنهنجي طرف ذڪر ته تون، جيڪي ڪجهه ماڻهن لاءِ لاٿو ويو آهي، اُن کي کولي کولي بيان ڪرين ته جيئن اهي غور ۽ فڪر ڪن“

ساڳيءَ طرح

﴿كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمْ اٰيٰتِهٖ لَعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ﴾ (البقرة: 242)

”اهڙي طرح الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ توهان لاءِ پنهنجيون آيتون کولي کولي بيان ڪري ٿو ته جيئن توهين عقل کان ڪم وٺو“

۽

﴿اِنَّا جَعَلْنٰهُ قُرْاٰنًا عَرَبِيًّا لَّعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ﴾ (الزخرف: 3)

”اسان هن کي عربي قرآن بڻائي لاٿو آهي ته جيئن توهان عقل کان ڪم وٺو“

**قرآن مجيد جي آيتن، آفاق ۽ انفس جي آيتن (نشانين) بابت سوچ ۽ ويچار جي نتيجي ۾ انسان محسوس ڪري ٿو ته هڪ ته انهن ٽنهي ۾ گهاٽو لاڳاپو نظر اچي ٿو ۽ ٻيو ته اهي سيئي آيتون (نشانيون) ڪامل موافقت سان ڪجهه اهڙين حقيقتن**

ڏانهن رهنمائي ڪن ٿيون، جنهن جي شاهدي خود انسان جي پنهنجي فطرت ۾ موجود آهي. اهڙيءَ طرح ان جي پنهنجي اندر جي ڳجهي شاهدي سندس شعور جي پردن تي ڇتائيءَ سان جلوه افروز ٿئي ٿي ۽ بنيادي حقيقت جو علم جنهن جو ٻيو نالو ايمان آهي، سندس شعور ۾ بلڪل اهڙيءَ طرح اُڀري ٿو، جيئن ڪنهن تحريڪ سببان ڪا پراڻي وساريل ڳالهہ انساني يادداشت جي خزاني مان اڀري شعور جي افق تي طلوع ٿيندي آهي. انهيءَ عمل (Phenomenon) جو نالو قرآن جي اصطلاح ۾ ”تذڪر“ آهي.

انهيءَ ”تذڪر“ جي ضرورت هر انسان کي آهي. پوءِ توڻي اهو عوام الناس (عام عوام) مان هجي يا ڪنهن خاص طبقي سان واسطو رکندڙ هجي. اهو ئي سبب آهي جو الله تَبَارَكَ وَتَعَالَى ”تذڪر“ لاءِ قرآن مجيد کي نهايت ئي آسان بنائي نازل ڪيو آهي. ۽ قرآن جي هڪ ئي سورت ۾ چار دفعا هن ريت فرمايو ويو آهي:

﴿وَلَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْاٰنَ لِلذِّكْرِ فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ﴾

(القمر: 17، 22، 32، 40)

”۽ بيشڪ اسان قرآن کي نصيحت حاصل ڪرڻ لاءِ آسان ڪيو آهي پوءِ آهي ڪو نصيحت حاصل ڪرڻ وارو؟“

هن آيت سڳوريءَ هر انسان تي هڪڙي قسم جي حجت قائم ڪري ڇڏي آهي تہ ڀلي هو ڪيتروئي گهٽ ۽ ڪيتروئي معمولي استعداد وارو ڇو نہ هجي، فلسفي و منطق ۽ علم و فن کان ڪٽي ڪيترو ئي اڻ واقف ڇو نہ هجي، هو قرآن مان ”تذڪر“ حاصل ڪري سگهي ٿو. شرط فقط اهو آهي تہ هو سليم طبيعت ۽ صحيح سمجهہ رکندڙ هجي ۽ منجهس گمراهي ۽ باطل گهر ڪري نہ وينو هجي — ۽ هو قرآن کي پڙهڻ شرط، ان جو سادو مفهوم روانيءَ سان سمجهندو وڃي.

”تيسير قرآن للذكر“[1] جا ڪيترائي پهلو آهن. هڪ اهو ته قرآن مجيد جو اصل موضوع ۽ سندس بنيادي مضمونَ انساني فطرت جا ڄاتل سڃاتل آهن ۽ قرآن کي پڙهڻ وقت سليم الطبع (نيڪ طبيعت) وارو انسان خود پنهنجي اندر جو آواز ٻڌي رهيو هوندو آهي. ٻيو هيءُ ته قرآن جي استدلال (دليل ڏيڻ) جو طريقو نهايت فطري ۽ انتهائي سادو آهي. وڌيڪ اهو ته مشڪل مضمونن کي نهايت وڻندڙ مثالن ذريعي سولو بڻايو ويو آهي. ٽيون هي ته انهيءَ جي باوجود جو قرآن پاڪ ادب جو شاهڪار ۽ بلاغت جو معراج آهي، تنهن هوندي به ان جي زبان عام فهم ۽ تمام سليس (آسان) آهي. عربي زبان جي معمولي ڄاڻ رکندڙ ۽ ٿورو گهڻو شوق رکندڙ کو به شخص تمام جلدي هن ڪتاب سان مانوس ٿي سگهي ٿو ۽ تمام ٿوريون اهڙيون جايون آهن، جتي اهڙي شخص کي سمجهڻ ۾ ڏکيائي پيش ايندي هجي.

ليڪن ”تَذَكّر بِالْقُرْاٰنِ“ لاءِ عربي ٻوليءَ جو بنيادي علم به بهرحال ضروري آهي ۽ متن سان گڏوگڏ ڪنهن ترجمي واري نسخي مان ترجمو ڏسڻ، انهيءَ مقصد لاءِ يقينًا ناڪافي آهي ۽ آئون پوري ديانتداريءَ سان هيءُ سمجهان ٿو ته عربي ٻوليءَ جي ايتري تعليم، جو ماڻهو قرآن مجيد جو روان ترجمو خود بخود سمجهي سگهي ۽ تلاوت ڪندي متن تان نظر هٽائڻ کان سواءِ ان جو ظاهري مفهوم سندس سمجهه ۾ ويهندو وڃي، هر پڙهيل لکيل مسلمان لاءِ فرضِ عين جو درجو رکي ٿي.

**۽ آئون نٿو سمجهان ته هڪڙو اهڙو مسلمان، جنهن رواجي تعليم پرائي هجي يا ان کان به اڳتي وڌي غير ملڪي زبانون سکيون هجن، يا بي اي، ايم اي پاس ڪئي هجي يا ڊاڪٽري ۽ انجنيئرنگ جهڙا ڏکيا علم ۽ هنر حاصل ڪيا هجن، اهو الله**

(1) نصيحت حاصل ڪرڻ لاء قرآن کي آسان ڪرڻ.

**تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي عدالت ۾ ايتري معمولي عربي به نه سکڻ لاءِ ڪهڙو عذر پيش ڪري سگهندو جنهن سان هو سندس پاڪ ڪلام جو فهم حاصل ڪري سگهي ها.— ڀائرو! آئون پوري اخلاص ۽ ديانتداري سان توهان جي آڏو عرض ڪريان ٿو ته اهڙن ماڻهن جو عربي نه سکي قرآن جي فهم حاصل ڪرڻ کان منهن موڙڻ، الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي ڪلام سان مذاق ۽ مسخري ٿي ناهي، بلڪ سندس توهين ۽ تحقير پڻ آهي. اوهين پاڻ ئي سوچيو ته پنهنجي انهيءَ طرزِ عمل سان اسين پنهنجو پاڻ کي الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي ڪيڏي نه سخت سزا جو حقدار بڻائي رهيا آهيون__!**

منهنجي نظر ۾ عربي زبان جي گهٽ ۾ گهٽ ايتري ڄاڻ حاصل ڪرڻ، جو قرآن مجيد جو ظاهري مفهوم انسان جي سمجهه ۾ ايندو وڃي، هر هڪ پڙهيل لکيل مسلمان تي قرآن جو اهڙو حق آهي، جنهن کي ادا نه ڪرڻ، نه رڳو قرآن جي مٿان بلڪ پنهنجو پاڻ تي پڻ تمام وڏو ظلم آهي.

فهم قرآن جو ٻيو درجو "**تدبر قرآن**" آهي. يعني هيءُ ته قرآن کي گهري غور و فڪر جو موضوع بڻائجي ۽ سندس علم ۽ حڪمت جي موتين جي سمنڊ ۾ ٽٻي هڻڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. ڇاڪاڻ ته قرآن ﴿**هُدًى لِّلنَّاسِ**﴾ (ماڻهن لاءِ هدايت) جو ڪتاب آهي ۽ جهڙيءَ طرح عام ماڻهن کي ڪائنات ۽ پنهنجي ذات جي باري ۾ صحيح نقطه نظر ۽ زندگي گذارڻ لاءِ واضح هدايتون عطا ڪري ٿو اهڙيءَ طرح خواص (علم و فڪر رکندڙ دانشورن) لاءِ به ڪامل هدايت ۽ مڪمل رهنمائي آهي. ۽ سندن ذهني ۽ فڪري سفر جي هر مرحلي ۾ ۽ هر موڙ تي رهبري فرمائي ٿو.

قرآن مجيد پنهنجو پاڻ کي تدبر ۽ فکر جو سرچشمو هجڻ کي هيٺين لفظن ۾ واضح فرمايو آهي:

﴿كِتٰبٌ اَنْزَلْنٰهُ اِلَيْكَ مُبٰرَكٌ لِّيَدَّبَّرُوْٓا اٰيٰتِهٖ وَلِيَتَذَكَّرَ اُولُوا الْاَلْبَابِ﴾

(صٓ: 29)

”(هيءُ قرآن) هڪ برڪت ڀريو ڪتاب آهي، جيڪو (اي نبي ﷺ) توهان ڏانهن اسان نازل ڪيو آهي ته جيئن ماڻهو سندس آيتن ۾ تدبر ڪن ۽ داناءُ ماڻهو نصيحت پرائين.“

۽ غور و فڪر نه ڪرڻ جي شڪايت هنن لفظن ۾ ڪئي آهي:

﴿اَفَلَا يَتَدَبَّرُوْنَ الْقُرْاٰنَ﴾ (النساء: 82)

”ڇا اهي ماڻهو قرآن ۾ غور و فڪر نٿا ڪن؟“

۽

﴿اَفَلَا يَتَدَبَّرُوْنَ الْقُرْاٰنَ اَمْ عَلٰى قُلُوْبٍ اَقْفَالُهَا﴾ (محمد: 24)

”ڇا اهي قرآن ۾ غور ۽ فڪر نٿا ڪن؟ يا سندن دلين مٿان تالا چڙهيا پيا آهن؟ “

تذڪر جي لحاظ سان قرآن مجيد جيترو آسان آهي، حقيقت ۾ ”تدبر“ جي لحاظ کان اوتروئي ڏکيو آهي. هن اٿاهه سمنڊ ۾ لهڻ وارن کي ئي خبر پوي ٿي ته ان جي انت جو ڪو اندازو ممڪن ئي نه آهي ۽ نڪي ان جي ڪنڌي ۽ ڪناري (ڪپر) جو ڪو پتو پوي ٿو. صحابہ ڪرام رضوان الله عليهم اجمعين جي باري ۾ هن ڳالهه جي ڇٽي پڌري سمجهاڻي ملي ٿي ته هو هڪ هڪ سورت تي تدبر ۽ تفڪر ۾ تمام گهڻو وقت لڳائيندا هئا. تانجو حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنه، جنهن کي پاڻ سڳورن ﷺ جن هفتي ۾ هڪ دفعو قرآن مجيد ختم ڪرڻ جي تاڪيد ڪئي هئي، انهن جي باري ۾ اها وضاحت ملي ٿي ته اُنهن رضي الله عنه رڳو سورة البقره ۾ تدبر ڪرڻ تي اٺ سال لڳايا! ٿورو سوچيو ته سهي! هيءُ انهن

ماڻهن جو حال آهي، جن جي اکين آڏو سندن ئي زبان ۾ قرآن مجيد نازل ٿيو هو. تنهن ڪري انهن کي نه عربي ٻوليءَ جي قاعدن قانونن معلوم ڪرڻ جي ضرورت هئي ۽ نه ئي آيتن جي شانِ نزول ۽ سورتن ۽ آيتن جي تاريخي پس منظر ڄاڻڻ لاءِ ڪنهن کوجنا جي ڪا ضرورت هئي. تنهن هوندي به هڪڙي هڪڙي سورت تي انهن اصحابن ﷡ جو سالن جا سال غور و فکر ڪرڻ، ظاهر ڪري ٿو ته قرآن حڪيم جي علم ۽ حڪمت جي اونهائيءَ ۾ غواصي ڪرڻ (ٽٻيون هڻڻ) ڪو سولو ڪم نه آهي. ان لاءِ سخت محنت ۽ شديد رياضت جي ضرورت آهي. اهو ئي سبب آهي ته پوءِ جي دور ۾ ابن جرير طبري، علامه زمخشري ۽ امام فخرالدين رازي جهڙن ذهن ويهن نه پر سوين هزارين انسانن (عالمن) پنهنجيون سڄيون سڄيون حياتيون کپائي ڇڏيون ته به فقط ڪنهن هڪ پهلوءَ کان ئي قرآن حڪيم تي غور و فکر ڪري سگهيا ۽ در حقيقت قرآن تي غور جو حق پوءِ به ادا ڪري نه سگهيا. گذريل چوڏهن صدين دوران ڪو هڪڙو انسان به اهڙو نه گذريو آهي، جنهن وڏا وڏا تفسير لکڻ کان پوءِ به ڪا اهڙي دعوىٰ ڪئي هجي ته هن قرآن تي تدبر جو حق ادا ڪري ڇڏيو آهي، ۽ هن قرآن جو فهم ڪما حقه (پوري طرح) حاصل ڪري ورتو آهي— تابہ ديگراں چہ رسد ؟[1]

امام غزاليءَ ﵀ ”احياءُ العلوم“ ۾ ڪنهن عارف جو هڪ قول نقل ڪيو آهي، جنهن مان تذڪر واسطي قرآن جي عام تلاوت ۽ منجهس گهري غور ۽ فڪر جو فرق معلوم ٿئي ٿو. اهو بزرگ فرمائي ٿو ته: ”آئون هڪڙو ختم قرآن هر جمعي تي ڪندو آهيان، هڪ ختم هر مهيني ۾ ڪيندو آهيان ۽ هڪ هر سال ڪيندو آهيان. ان کان سواءِ ٻيو به هڪڙو ختم شريف آهي، جنهن ۾ آئون ٽيهن سالن کان مشغول آهيان ۽ اجا تائين واندو ٿي نه سگهيو آهيان.“

(1) وڏا وڏا علامہ تدبر جو حق ادا نہ ڪري سگهيا تہ پوءِ ٻيا ڇا ڪري سگهندا؟

قرآن مجيد کي تدبر سان پڙهڻ جا شرط ڏاڍا ڏکيا آهن ۽ انهن کي پورو ڪرڻ، ان ڪان سواءِ هرگز ممڪن ناهي ته ماڻهو پنهنجو پاڻ کي صرف انهيءَ مقصد لاءِ وقف ڪري ڇڏي ۽ پنهنجي سموري حياتيءَ کي قرآن مجيد جي تعليم ۽ تعلّم (پڙهڻ پڙهائڻ ۽ سکڻ سيکارڻ) ۾ کپائي ڇڏي. ان لاءِ سڀ کان اڳ عربي زبان جي قاعدن جو گهرو ۽ پختو علم نهايت ضروري آهي. تنهن کان پوءِ عربي ادب جو اعلىٰ ذوق ۽ فصاحت ۽ بلاغت جو عميق (اونهو) فهم لازمي آهي. ان ڪان وڌيڪ اهو ته جنهن ٻولي ۾ قرآن ڪريم نازل ٿيو آهي، تنهن جو صحيح فهم تيستائين ممڪن ناهي جيستائين عربيءَ جي جاهلي ادب جو تحقيقي مطالعو نه ڪيو وڃي ۽ جاهلي دؤر جي شاعرن ۽ خطيبن جي ڪلام کي سمجهڻ جي پرک ۽ قابليت پيدا نه ٿي وڃي. ان ڪان ويتر وڌيڪ اها ڳالهه ته قرآن مجيد پاڻ پنهنجا خاص اصطلاح مقرر ڪيا آهن ۽ پنهنجو هڪ خاص اسلوب (نمونو) ايجاد ڪيو اٿس، جنهن بابت ڪافي ڊگهي عرصي تائين لڳاتار قرآن جي مطالعي ۽ منجهس مسلسل سوچ ويچار ڪرڻ ڪان پوءِ واقفيت حاصل ٿئي ٿي. ان ڪان علاوه نظمِ قرآن جو فهم به قرآني تدبر جي راهه ۾ هڪ ڏکي منزل آهي. انهيءَ ڪان سواءِ قرآن پاڪ جي موجوده ترتيب جي حڪمت معلوم ڪرڻ، جيڪا نزولي ترتيب ڪان بلڪل مختلف آهي ۽ اول مختلف سورتن ۽ پوءِ هر سورت جي آيتن جي پاڻ ۾ ربط ۽ جوڙ کي سمجهڻ، اهڙو ته ڏکيو مرحلو آهي، جو ان جاءِ تي پهچي وڏا وڏا همت وارا هار ڪائي ويهي رهن ٿا.

**پر ظاهر آهي ته انهيءَ مرحلي کي پورو ڪرڻ ڪان سواءِ "تدبر قرآن" جي حق کي ادا ڪرڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي.— حقيقت هيءَ آهي ته انهيءَ ڪاڻ مان ئي قرآن حڪيم جي علم ۽ حڪمت جا اصل موتي نڪرن ٿا. ۽ اتان ئي هن وسيع سمنڊ جي وسعتن ۽ اونهائين جو صحيح اندازو ٿئي ٿو.**

ان سان گڏوگڏ قرآن ڪريم کي سمجهڻ لاءِ حديثن جي سموري ذخيري تي گهري نظر هئڻ بہ لازمي آهي ۽ اڳوڻن آسماني ڪتابن جو مطالعو بہ لازمي آهي. انهن سڀني منزلن مان لنگهي اچڻ کان پوءِ انسان ۾ اها قابليت پيدا ٿئي ٿي تہ هو قرآن مجيد کي تدبر موجب [1] پڙهي سگهي. ان کان پوءِ هڪڙو ٻيو مرحلو شروع ٿئي ٿو. اهو هي تہ انساني تاريخ جي هر دور ۾ تجرباتي ۽ عقلي، ٻنهي قسمن جا علم هڪ خاص سطح تي هوندا آهن ۽ قرآن ۾ تدبر جو حق انهيءَ کان بغير ادا نٿو ٿي سگهي تہ طالب پنهنجي معلومات جو دائرو گهٽ ۾ گهٽ ايترو ضرور وسيع ڪري جو موجوده سڀني طبعي توڙي نظرياتي علمن جو هڪ مختصر خاڪو، انهن جا بنيادي ۽ ابتدائي معاملا، منجهائن استدلال (دليل ڳولهڻ) ۽ نتيجا حاصل ڪرڻ جا طريقا ۽ مجموعي نتيجن جي مختصر معلومات سندس ذهن جي گرفت ۾ اچي وڃي.

**چاڪاڻ تہ قرآن مجيد جي اڻ کٽ سمنڊ منجهان هر طالب بهرحال پنهنجي ذهني ظرف جي گهرائي ۽ وسعت مطابق ئي فيض حاصل ڪري سگهي ٿو ۽ هن نوراني ڪتاب جي هدايت جي روشني هر شخص تي سندس فڪر ۽ نظر جي وسعت مطابق ئي ظاهر ٿي سگهي ٿي — ۽ انسان جو ذهني ظرف ۽ فڪري وسعت بهرحال پنهنجي زماني ۾ رائج طبعي ۽ عقلي علمن مان ئي تيار ٿيندو آهي.**

خاص ڪري تبليغ ۽ وعظ و نصيحت جي اعتبار کان تہ ان جي اهميت تمام گهڻي آهي، بلڪ ان کان سواءِ انهيءَ جو حق ادا ڪرڻ ڪنهن بہ طرح ممڪن ئي ناهي. چاڪاڻ تہ هر دور ۾ تجرباتي علوم

(1) هن موضوع تي مولانا امين احسن اصلاحي جي ڪتاب ”مبادي تدبر قرآن“ جو مطالعو ان شاء الله تمام مفيد رهندو.

جي سطح موجب فلسفي، الاهيات، مابعد الطبعيات (Metaphysics)، اخلاقيات، نفسيات ۽ ٻين بيشمار عمراني علمن جا انبار لڳا پيا هوندا آهن، جن کان ذهن عام طور مرعوب (دٻاءَ هيٺ) رهندا آهن. انهن علمن جي ڦهلايل غلط فڪرن ۽ نظرين جو مقابلو ان کان سواءِ بلڪل ممڪن ئي ناهي ته خود انهن علمن جو ڳوڙهو مطالعو ڪيو وڃي ۽ انهن جي اصل سرچشمن (Original Sources) تائين پهچي بصيرت سان انهن جي پاڙن تي اهڙيءَ طرح وار ڪجي، جهڙي طرح پنهنجي زماني ۾ امام ابن تيميه رحمه الله ۽ امام غزالي رحمه الله هٽي چڪا آهن. جديد دؤر انهيءَ لحاظ کان پنهنجي عروج تي پهتل آهي ۽ متي ڄاڻايل طبعي علمن (Physical Sciences) ۽ صنعتي فنن (Technology) جي نهايت بلند چوٽين کي ڇهي رهيو آهي ۽ انهن علمن جي ايتري ترقيءَ ماڻهن کي ايتري قدر وائڙو ۽ حيران ڪري ڇڏيو آهي، جو هڪ عام انسان لاءِ انهن جي پاڇي ۾ ايندڙ غلط نظرين ۽ فڪرن تي تنقيد ڪرڻ بلڪل ناممڪن ٿي ويو آهي. اهڙين حالتن اندر هن دور ۾ ”تدبر قرآن“ جو حق فقط انهيءَ طرح ادا ٿي سگهي ٿو ته همت ۽ عزم رکندڙ انسانن جي هڪ وڏي جماعت، پنهنجو پاڻ کي انهيءَ ڪم ۾ پيڙهڻ ۽ ولوڙڻ لاءِ، تيار ٿئي ۽ پوءِ هڪ پاسي ته تدبر قرآن لاءِ متي بيان ڪيل سڀ شرط پورا ڪري ۽ ٻئي پاسي جديد علمي ۽ عقلي علمن ۾ ڳوڙهي (گهري) ۽ سڌيءَ طرح مهارت حاصل ڪري ۽ پوءِ وري نه فقط قرآن جي روشنيءَ ۾ جديد علمن جا صحيح ۽ غلط جزا ڌار ڌار ڪري ڏيکاري، بلڪ جديد دليل بازيءَ ۾ عام مروج اصطلاحن ذريعي ماڻهن جي ذهنن جي ويجهو اچي ۽ ساڻن همڪلام ٿئي ۽ قرآن جي هدايت جي نور کي وضاحت سان سندن آڏو بيان ڪري!— ته جيئن ﴿لِتُبَيِّنَهُ لِلنَّاسِ﴾ [1] جو جيڪو فرض حضور پاڪ ﷺ جن پنهنجي حياتيءَ ۾ ادا فرمايو هو، سو هن دؤر ۾

(1) ”ته جيئن توهان ان کي ماڻهن جي لاءِ واضح ڪريو“

امت ذريعي پورو ٿئي. ظاهر آهي ته هيءُ ڪم تيستائين نٿو ٿي سگهي، جيستائين اسلامي دنيا ۾ هر هنڌ اهڙيون يونيورسٽيون قائم نه ٿين، جن ۾ هڪ مرڪزي شعبو ”تدبر قرآن“ جو هجي ۽ ان مرڪزي شعبي جي چؤگرد سيني عقلي علمن جيئن ته منطق، مابعد الطبعيات، اخلاقيات، نفسيات ۽ الاهيات، ۽ عمراني علمن جيئن ته معاشيات، سياسيات ۽ قانون، ۽ طبعي علمن جيئن رياضي، ڪيميا، طبعيات، ۽ فلڪيات وغيره جي شعبن جو هڪ نظام قائم هجي ۽ هر طالب علم تدبر قرآن ۾ پنهنجي ذوق موجب، ڪنهن ٻئي مضمون جي پڻ لازمي سکيا وٺي ۽ اهڙي طرح هو مختلف علمن جي شعبن ۾ قرآني علم ۽ هدايت کي تحقيقي طور سان حاصل ڪري مؤثر انداز ۾ پيش ڪري سگهي.

ظاهر آهي ته هي ڪو آسان ڪم ناهي! اهو ئي سبب آهي ته هر شخص تي ان ڳالهه جي ميار به ناهي. هيءُ ڪم اول ته آهي ئي انهن ماڻهن جي ڪرڻ جو، جيڪي قدرت وٽان فطري اُڃ (پياس) وٺي پيدا ٿيندا آهن ۽ جن جي ذهنن ۾ اهڙي قسم جا سوال پاڻهي پيدا ٿيندا رهندا آهن، جن جو حل عقل جي مختلف وادين کي طئي ڪرڻ کان سواءِ ممڪن ئي نه هوندو آهي. اهي ماڻهو علم جي ڳولها ۾ ائين ”مجبور“ هوندا آهن، جيئن ڪو بُکايل ماڻهو مانيءَ جي تلاش ۾ يا ڪو اُڃايل پاڻيءَ جي لاءِ پريشان هوندو آهي. اهڙا ئي انسان ﴿رَبِّ زِدۡنِيۡ عِلۡمًا﴾ جي دعا ڪندي اڳتي وڌندا آهن ۽ جيڪڏهن کين صحيح رهنمائي ملي وڃي ته علم ۽ حڪمت مان گهڻو حصو حاصل ڪندا آهن. تدبر قرآن جو ڪم اصل ۾ ته اهڙن ئي ماڻهن جي ڪرڻ جو هوندو آهي. البت هر طالب پنهنجي پنهنجي قابليت مطابق ان مان فيض حاصل ڪري سگهي ٿو. اهو ئي سبب آهي ته هڪ عام شوق ڏيارڻ خاطر حضور ڪريم ﷺ جن فرمايو:

﴿خَيْرُكُمْ مَنْ تَعَلَّمَ الْقُرْآنَ وَعَلَّمَهٗ﴾ (صحيح البخاری، عن عثمان بن عفان رضی اللہ عنہ)

”توهان مان بهترين ماڻهو اُهي آهن جيڪي قرآن سکن ٿا ۽ (ٻين کي) سيکارين ٿا.“

۽ قرآن حڪيم هڪ عام هدايت ڏني ته:

﴿فَلَوْلَا نَفَرَ مِنْ كُلِّ فِرْقَةٍ مِّنْهُمْ طَآئِفَةٌ لِّيَتَفَقَّهُوْا فِي الدِّيْنِ﴾ (التوبه: 122)

”پوءِ ڇو نٿو نڪري هر جماعت مان ماڻهن جو هڪ گروهه ته جيئن دين جي سمجهه حاصل ڪن.“

هي ”تفقّه فی الدّين“ تدبر قرآن جو اُهو قُلُ آهي جنهن لاءِ حضور ﷺ جن پنهنجن ڪِن خاص اصحابين رضی اللہ عنہم کي دعا فرمائي هئي[1] ۽ جنهن جو ذڪر پاڻ سڳورن ﷺ هن ارشاد ۾ پڻ فرمايو آهي ته: ﴿خِيَارُهُمْ فِي الْجَاهِلِيَّةِ خِيَارُهُمْ فِي الْاِسْلَامِ﴾ پر ان ۾ به اهو شرط آهي ته ﴿إِذَا فَقُهُوْا﴾[2].

# چوٿون حق

## حڪم ۽ اقامت

”ايمان ۽ تعظيم“، ”تلاوت ۽ ترتيل“ ۽ ”تذڪر ۽ تدبر“ کان پوءِ قرآن مجيد جو چوٿون حق، هر مسلمان تي هي آهي ته هو ان تي عمل ڪري. ظاهر آهي ته مڃڻ، پڙهڻ ۽ سمجهڻ، سڀئي دراصل عمل لاءِ ئي گهربل آهن. ڇاڪاڻ ته قرآن مجيد نه ته ڪو جادو يا منتر جنتر جو ڪتاب آهي،

(1) مثال طور حضرت ابن عباس رضی اللہ عنہ جي حق ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن هيءَ دعا فرمائي هئي ته ﴿اَللّٰهُمَّ فَقِّهْهُ فِي الدِّيْنِ﴾ (اي الله ! ڪيس دين جي سمجهه عطا فرماءِ).

(2) متفق عليه، عن ابی هريرة رضی الله عنه - ترجمو: ”توهان منجهان جيڪي ماڻهو جهالت واري زماني ۾ سڀ کان چڱا هئا، سي اسلام ۾ پڻ سڀني کان چڱا آهن، پر شرط اهو آهي ته اهي دين جي سمجهه حاصل ڪن.“

جنهن جو فقط پڙهڻ ئي مصيبتن کي ٽارڻ لاءِ ڪافي هجي، ۽ نه هي رڳو برڪتون حاصل ڪرڻ خاطر نازل ٿيو آهي جو بس صرف ان جي تلاوت ڪري ثواب حاصل ڪيو وڃي يا ان جي ذريعي سڪرات جي سختيءَ کي گهٽ ڪيو وڃي. ۽ نه وري اهو ڪو تحقيق ۽ چنڊڇاڻ جو موضوع آهي جو ان کي فقط ذهني رياضتن ۽ کوجنائن جو مرڪز ۽ خيالن جي ڏي وٺ جو آکاڙو بڻايو وڃي— بلڪ جيئن اڳ ۾ عرض ڪيو ويو آهي ته هيءُ ڪتاب ﴿هُدًى لِّلنَّاسِ﴾ يعني انسانن لاءِ هدايت جو ذريعو آهي ۽ سندس نازل ٿيڻ جو مقصد صرف ان صورت ۾ ئي پورو ٿي سگهي ٿو ته ماڻهو انهيءَ کي حقيقي معنيٰ ۾ پنهنجي زندگيءَ جو ضابطو ۽ دستور العمل ٺاهين.

اهو ئي سبب آهي جو خود قرآن حڪيم ۽ انهيءَ بابرڪت ذات ﷺ جنهن جي مٿان قرآن نازل ٿيو آهي، اها ڳالهه چٽائيءَ سان بيان فرمائي آهي ته قرآن تي عمل نه ڪيو وڃي ته ان جي تلاوت يا مٿس سوچ ۽ ويچار جو ڪهڙو فائدو؟ اٽلندو ماڻهو جي ايمان جو اعتبار ئي نٿو رهي. تنهن ڪري قرآن مجيد قطعي فيصلو ٻڌائي ڇڏيو آهي:

﴿وَمَنْ لَّمْ يَحْكُمْ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْكٰفِرُوْنَ﴾ (المائدة: 44)

”۽ جيڪو الله تَبَارَكَ وَتَعَالىٰ جي نازل ڪيل (ڪتاب) موجب فيصلو نه ڪري، اهڙائي ماڻهو ڪافر آهن.“

۽ نبي ڪريم ﷺ جن وڌيڪ وضاحت فرمائي ڇڏي:

1) ﴿لَا يُؤْمِنُ اَحَدُكُمْ حَتّٰى يَكُوْنَ هَوَاهُ تَبَعًا لِّمَا جِئْتُ بِهٖ﴾ (شرح السنة)

”توهان مان ڪو شخص مؤمن نٿو ٿي سگهي، جيستائين سندس نفس جي خواهش اُن (هدايت) جي تابع نه ٿي وڃي جيڪا مون آندي آهي.“

2) ﴿مَا اٰمَنَ بِالْقُرْاٰنِ مَنِ اسْتَحَلَّ مَحَارِمَهٗ﴾ (رواه الترمذی)

”جيڪو شخص قرآن جي حرام ڪيل شين کي حلال ڪري،
سو قرآن تي ايمان نٿو رکي.“

هڪ اهڙي شخص جو معاملو ته بيشڪ مختلف ٿي سگهي ٿو جيڪو اڃان حق جي تلاش ۾ سرگردان هجي ۽ قرآن کي پڙهي ۽ سمجهي، اڃان ان جي حقانيت جي اقرار ۽ انڪار جو فيصلو ڪرڻ چاهيندو هجي. پر جيڪي ماڻهو قرآن مجيد کي الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جو ڪتاب مڃين ٿا، تن لاءِ قرآن مان فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ لازمي شرط هي آهي ته هو پنهنجين زندگين جو رخ قرآن ڏانهن عملي طرح موڙين ۽ قرآن جي هر تقاضا کي پوري ڪرڻ لاءِ وَسَ آهر ڪوشش ڪرڻ جو پڪو پهه ڪن، تنهن کان پوءِ قرآن کي پڙهن. پوءِ ڪٿي ان ڏس ۾ ڪين کهڙي به عاجزي و انڪساري، ترڪ و اختيار ۽ ايثار و قرباني سان واسطو ڇو نه پوي، جيئن هن کان اڳ ”تلاوت“ جي لغوي مفهوم جي سلسلي ۾ عرض ڪيو ويو آهي. حقيقت هن ريت آهي ته قرآن جي مڪمل هدايت ته منڪشف (ظاهر) فقط انهن ئي ماڻهن تي ٿيندي آهي جيڪي پنهنجو پاڻ کي قرآن جي حوالي ڪرڻ جو فيصلو ڪري پوءِ مطالعو ڪن ٿا. اهڙي سچي عزم (ارادي) کان پوءِ به هڪ وڏي جاکوڙ ۽ جفاڪشي کان پوءِ وڃي انسان جي نفس ۾ تسليم ۽ تابعداري جي اها ڪيفيت پيدا ٿئي ٿي، جيڪا حضور نبي ڪريم ﷺ جن جي متئين قول مبارڪ ۾ بيان ٿي آهي، جيڪو مون هينئر توهان کي ٻڌايو، يعني ته:

﴿لَا يُؤْمِنُ اَحَدُكُمْ حَتّٰى يَكُوْنَ هَوَاهُ تَبَعًا لِّمَا جِئْتُ بِهٖ﴾

”توهان مان ڪو به شخص مؤمن نٿو ٿي سگهي جيستائين
سندس نفس جي خواهش اُن (هدايت) جي تابع نه ٿي وڃي،
جيڪا مون آندي آهي.“

انسان جي نفس ۾ ان ڪيفيت جو پيدا ٿيڻ، قرآن جي مڪمل هدايت جو شروعاتي نقطو آهي. پوءِ جيئن جيئن ان ڪتابِ هدايت سان تعلق

وڌندو ويندو، تيئن تيئن الله تَبَارَكَ وَتَعَالىٰ جي طرفان ان ۾ ويتر واڌارو ٿيندو ويندو آهي.

﴿وَالَّذِيْنَ اهْتَدَوْا زَادَهُمْ هُدًى وَّاٰتٰـهُمْ تَقْوٰهُمْ﴾ (محمد:17)

”۽ جن ماڻهن هدايت (جو رستو) ورتو، تن کي الله تَبَارَكَ وَتَعَالىٰ هدايت ۾ وڌايو ۽ کين پرهيزگاري ڏنائين.“

يعني جيڪڏهن ماڻهو قرآن جي هٽ ۾ هٿ ڏيئي، عملاً ساڻس گڏ هلڻ جي ڪوشش ڪندو ته صراط مستقيم (سڌي واٽ) تي وک وڌائيندو ويندو ۽ درجي بدرجي ترقي ڪندو ويندو— ٻيءَ صورت ۾ تلاوت رڳو وقت وڃائڻ آهي، بلڪ ممڪن آهي ته اهڙي تلاوت، پڙهندڙ جي لاءِ لعنت جو سبب بنجي پوي. جيئن امام غزالي رحمه الله ”احياءُ العلوم“ ۾ ڪن عارفن جو قول نقل فرمايو آهي ته قرآن جا گهڻا پڙهڻ وارا اهڙا آهن، جن کي سواءِ لعنت جي ٻيو ڪجهه به حاصل نٿو ٿئي. ڇاڪاڻ ته جڏهن هو پڙهي ٿو ته: ﴿لَعْنَةَ اللّٰهِ عَلَى الْكٰذِبِيْنَ﴾، يعني ”ڪوڙن جي مٿان الله جي لعنت آهي“. هاڻي جيڪڏهن پڙهندڙ پاڻ ڪوڙو آهي ته اها لعنت مٿس ئي پئي! ساڳيءَ طرح جڏهن ڪو ماڻهو هيءَ تلاوت ڪري ٿو ته:

﴿فَاِنْ لَّمْ تَفْعَلُوْا فَاْذَنُوْا بِحَرْبٍ مِّنَ اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ﴾ (البقرة: 279)

”۽ جيڪڏهن ائين نٿا ڪريو ته پوءِ الله تَبَارَكَ وَتَعَالىٰ ۽ سندس رسول ﷺ سان ويڙهه لاءِ تيار ٿي وڃو.“

هاڻي جيڪڏهن هو پاڻ ئي الله تَبَارَكَ وَتَعَالىٰ جي حڪم کان منهن موڙي سرڪشي ڪري ته الله تَبَارَكَ وَتَعَالىٰ ۽ رسول ﷺ جي پاران ”اعلان جنگ“ (Ultimatum) جو پاڻ ئي مخاطب ٿئي ٿو. اهڙي طرح گهٽ توريندڙ ۽ گهٽ ماپيندڙ، گِلا غيبت ڪندڙ ۽ منهن تي طعنا هڻندڙ قرآن جي تلاوت ڪرڻ وقت ﴿وَيْلٌ لِّلْمُطَفِّفِيْنَ﴾ ۽ ﴿وَيْلٌ لِّكُلِّ هُمَزَةٍ لُّمَزَةٍ﴾ جي دردناڪ ”بشارتن“ جا پاڻ ئي مصداق بڻجن ٿا — انهن ڳالهين بابت وڌيڪ

ويچار ڪندا تہ معلوم ٿيندو تہ بنا عمل جي قرآن جي تلاوت مان انسان ڪي درحقيقت ڇا حاصل ٿيندو آهي.

باقي رهيا اهي ماڻهو جيڪي قرآن ڪريم جي تحقيق و تدقيق، غور و فڪر ۽ تصنيف و تاليف جي ڪم ۾ مشغول رهندا آهن، پر پاڻ ان جي تقاضن کي ادا ڪرڻ کان غفلت ڪن ٿا تہ اهڙن ماڻهن جو معاملو وري سيني کان ڏکيو ٿي وڃي ٿو. اهڙن ماڻهن جي سموري ڪوشش ۽ جاکوڙ، تحقيق ۽ کوجنا نہ رڳو ذهني عياشي آهي بلڪ "تلعّب بالقرآن" يعني قرآن سان راند جي شڪل اختيار ڪيو وڃي. نتيجي طور سندن حصي ۾ هدايت بدران ذلالت (گمراهي) اچيو وڃي.

﴿يُضِلُّ بِهٖ كَثِيْرًا وَّيَهْدِىْ بِهٖ كَثِيْرًا﴾ (البقرة: 26)

"(الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰى) گمراه ٿو ڪري انهيءَ (قرآن) ذريعي گهڻن کي ۽ هدايت ٿو ڏئي ان (قرآن) سان گهڻن کي."

۽ اهي ماڻهو الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰى جي مخلوق لاءِ بہ طرحين طرحين فتنن ۽ نِت نيُن گمراهين جو سبب پڻ بڻجن ٿا. ڇاڪاڻ تہ انهن جو سمورو قرآني فڪر هينئين آيت جو مثل بنجيو وڃي:

﴿فَيَتَّبِعُوْنَ مَا تَشَابَهَ مِنْهُ ابْتِغَآءَ الْفِتْنَةِ وَابْتِغَآءَ تَاْوِيْلِهٖ﴾

(آلِ عمران: 7)

"پوءِ اهي ماڻهو متشابهات جي پٺيان پئجيو وڃن تہ جيئن فتنو پيدا ڪن ۽ ان جي حقيقت معلوم ڪن."

اهوئي سبب آهي تہ صحابہ ڪرام رضي الله عنهم مان جن کي بہ تدبر قرآن جو شوق هوندو هو ۽ جيڪي ورهين تائين هڪڙي هڪڙي سورت تي غور و فڪر، تدبر ۽ تفهم ۾ گذاريندا هئا، تن جي باري ۾ اها وضاحت ملي ٿي تہ اهي قرآن جي علم سان گڏوگڏ، وَسَ آهر مٿس عمل ڪرڻ جو پڻ پورو پورو اهتمام ڪندا هئا ۽ ان وقت تائين اڳتي نہ وڌندا هئا،

جيستائين کين اهو اطمينان نه ٿي ويندو هو ته جيترو به علم حاصل ٿيو اٿن، مٿس عمل ڪرڻ جي توفيق پڻ کين حاصل ٿي وئي آهي.

توهان هي معلوم ڪري شايد حيران ٿيو ته اصحابي سڳورا رضوان الله عليهم اجمعين ڪنهن به سورت يا سورت جي ڪنهن حصي جي ياد ڪرڻ جو مطلب اهو نه سمجهندا هئا ته ان کي فقط ياد ڪيو وڃي، پر ان جو مطلب اهو وٺندا هئا ته کين علم ۽ فهم به حاصل ٿئي ۽ بارگاهِ رب العزت مان ان تي عمل ڪرڻ جي توفيق پڻ نصيب ٿئي ۽ اهڙيءَ ريت قرآن سندن فڪر ۽ عمل ٻنهي تي غالب ٿي وڃي.

**ڇڻ ته ”حفظِ قرآن“ جو مطلب وٺن اهو هو ته سندن پوري شخصيت ۾ قرآن ديرو ڄمائي ڇڏي ۽ انهيءَ نورِ هدايت سان سندن رڳ رڳ ۾ اجالو ٿي وڃي. جنهن جي نتيجي ۾ قرآن ڪريم جا لفظ سندن حافظي ۾، سندس علم انهن جي ذهن ۾ ۽ سندس تعليم انهن جي اخلاق و عادت ۽ سيرت و ڪردار ۾ محفوظ ٿي وڃي___**(1)

---

(1) ڏسو الاتقان في علوم القرآن جي هيٺين عبارت:

وقد قال ابوعبد الرحمٰن السلمی حدثنا الذين كانوا يقرءون القرآن كعثمان بن عفان و عبدالله بن مسعود وغيرهما انهم اذا كانوا تعلموا من النبی ﷺ عشر آيات لم يتجاوزوها حتی يعلموا مافيها من العلم والعمل، قالوا فتعلمنا القرآن والعمل جميعًا ولهذا كانوا يبقون مدة فی حفظ السورة

”ابو عبدالرحمٰن سلمي چون ٿا ته مون کي انهن ماڻهن ٻڌايو جيڪي قرآن مجيد پڙهندا پڙهائيندا هئا، جيئن حضرت عثمان بن عفان رضي الله عنه ۽ عبدالله بن مسعود رضي الله عنه وغيره، ته سندن دستور هوندو هو ته جيڪڏهن رسول الله ﷺ جن کان ڏهه آيتون به ٻڌاندا هئا ته جيستائين انهن آيتن جو سمورو علم ۽ عمل پنهنجي اندر جذب نه ڪندا هئا، اڳتي نه وڌندا هئا. انهن چيو ته اسان قرآن جو علم ۽ عمل ٻئي گڏوگڏ پرايو آهي ۽ اهوئي سبب آهي ته هڪ هڪ سورت جي حفظ ۾ ورهيه لڳائيندا هئا.“

انهيءَ عمل (Phenomenon) جي تڪميل ۽ مڪمل ڪيفيت جو ذڪر ”امت جِي استاد“ اُمّ المؤمنين عائشه بنت ابي بڪر رضي الله عنها جي هن زبردست حڪمت ڀريي قول مان ظاهر ٿئي ٿو، جيڪو انهن هڪ سوال جي جواب ۾ ارشاد فرمايو هو ته: ”حضور ﷺ جن جي سيرت پاڪ ڪيئن هئي؟ فرمايائون ته: ﴿كَانَ خُلُقُهُ الْقُرْآنَ﴾ يعني سندن سيرت قرآني تعليمات جو هڪ مڪمل نمونو هئي ۽ پاڻ ﷺ مجسمِ قرآن هئا. فداه ابي وأمی وصلی الله عليه وسلم.

مطلب ته قرآن مان فائدو حاصل ڪرڻ جو صحيح طريقو صرف اهو آهي ته جيترو به علم ۽ فهم انسان ان مان حاصل ڪري، تنهن کي پنهنجي اعمال و افعال، عادت و اطوار ۽ سيرت و ڪردار جو جزو بڻائيندو وڃي ۽ اهڙي طرح قرآن مجيد مسلسل سندس ”خُلق“ (اخلاق) جو حصو ٿيندو وڃي. ٻي صورت ۾ اهو خطرو آهي جيڪو پاڻ سڳورن ﷺ جن جي هن فرمان مطابق ته : ﴿اَلْقُرْآنُ حُجَّةٌ لَّكَ اَوْ عَلَيْكَ﴾ (قرآن يا ته تنهنجي حق ۾ حجت ٿيندو يا تنهجي خلاف حجت قائم ڪندو). قرآن جو علم ۽ فهم اٿلندو انسان جي خلاف زبردست حجت ۽ سندس بدعملي سببان سزا ۾ سختيءَ ۽ واڌاري جو سبب بڻجندو ويندو.

البت هتي اها وضاحت پڻ ضروري آهي ته ”عمل باالقرآن“ (قرآن تي عمل ڪرڻ) جا به پاسا آهن، هڪ انفرادي ۽ ٻيو اجتماعي. قرآن مجيد جا اهڙا سمورا حڪم و احڪام، جن جو واسطو انسان جي انفرادي ۽ نجي زندگيءَ سان آهي يا جن تي عمل ڪرڻ جو اختيار ماڻهوءَ کي هڪدم حاصل ٿئي ٿو، انهن کي بجا آڻڻ لاءِ هر انسان انهيءَ مهل ئي مڪلّف (پابند) ٿي وڃي ٿو جڏهن اهي احڪام اُن جي علم ۾ اچن ٿا. ۽ انهي باري ۾ ڪنهن به طرح جي تاخير يا ٽال مٽول هرگز جائز نٿي ٿي سگهي. اهڙن حُڪمن تي عمل ڪرڻ ۾ ڪوتاهي اهڙو عظيم گناهه آهي جنهن جي سبب ڪان وڏي سزا رسوائي ۽ الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي توفيق کان

محرومي جي صورت ۾ ملندي آهي. تان جو قول و ڪردار ۾ علم و عمل ۾ اهو فرق ۾ ﴿لِمَ تَقُوْلُوْنَ مَالَا تَفْعَلُوْنَ﴾ [1] مطابق اها ڪيفيت آخرڪار نفاق تائين پهچي ويندي آهي. اها حقيقت حضور ﷺ جن جي هڪ قول مبارڪ ۾ پڻ بيان ٿيل آهي ته:

﴿اَكْثَرُ مُنَافِقِيْ اُمَّتِيْ قُرَّائُهَا﴾ (مسند احمد)

”منهنجي امت ۾ منافقن جو وڏو تعداد قارين[2] جو آهي.“

تنهن ڪري سلامتي جي واٽ فقط هڪڙي ئي آهي ۽ اها هيءَ ته ماڻهوءَ کي قرآن جو جيتري قدر به علم حاصل هجي، تنهن تي هو ممڪن حد تائين هڪدم عمل شروع ڪري ڇڏي.

باقي رهيا ٻي قسم جا احڪام، يعني اهي احڪام جيڪي اهڙن اجتماعي معاملات بابت هجن جن تي هڪ فرد جو اختيار نه هوندو آهي، ته انهيءَ بابت ظاهر آهي ته ڪو به اڪيلو شخص انفرادي حيثيت ۾ ان لاءِ جوابده ناهي. جيتوڻيڪ هو انهيءَ لاءِ ذميوار ضرور آهي ته پنهنجي امڪاني حد تائين حالتن کي بدلائڻ ۽ هڪ اهڙي اجتماعي ماحول قائم ڪرڻ لاءِ سعي ۽ ڪوشش ڪري، جنهن ۾ سيني قرآني حڪمن جو نفاذ ٿي سگهي. اهڙين حالتن ۾ سندس اها سموري جدوجهد ﴿مَعْذِرَةً اِلٰى رَبِّكُمْ﴾ [3] ۽ انهن اجتماعي احڪامن مٿان عمل ڪرڻ جو نِعمُ البدل

---

(1) سورة الصف آيت 2 ”اي ايمان وارو! توهان ڇو ٿا چئو (اهڙيون ڳالهيون) جن تي عمل نٿا ڪريو؟“

(2) واضح رهي ته هتي قارين مان مراد مشهور معنىٰ ۾ رڳو قاري ناهي، بلڪ انهن ۾ اهي عالم به شامل آهن، جيڪي قرآن پڙهڻ پڙهائڻ ۾ رڌل رهن ٿا، ليڪن ان تي عمل نٿا ڪن.

(3) سورة الاعراف آيت 164 ”انهن مان هڪ ٽولي چيو ته: اوهان اهڙي قوم کي ڇو ٿا نصيحت ڪريو جن کي الله ناس ڪندو يا کين سخت عذاب ڏيندو؟ چيائون: (ته جيئن) اوهان جي رب وٽ اسان جو عذر قبول ٿئي ۽ شايد هو نيڪ ٿين!“

ٽيندي. پر جيڪڏهن انسان ايتري ڪوشش نہ ڪندو ۽ مطمئن ٿي فقط پنهنجي زندگيءَ جي بقاء ۽ پنهنجي ٻارن ٻچن جي سار سنڀال لهڻ ۾ رڌل رهندو تہ اهڙي صورت ۾ انهيءَ ڳالهہ جو سخت خطرو آهي تہ قرآن حڪيم جي انفرادي ۽ نجي زندگي بابت حڪمن تي عمل ڪرڻ بہ ﴿اَفَتُؤْمِنُوْنَ بِبَعْضِ الْكِتٰبِ وَتَكْفُرُوْنَ بِبَعْضٍ﴾ [1] جي ڳٽپ ۾ اچي ويندو!

---

(1) سورة البقرة جي آيت 85 ”۽ ڇا توهان الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي ڪتاب مان ڪجهہ حصي تي ايمان رکو ٿا ۽ ڪجهہ جو انڪار ڪريو ٿا؟“ انهن مبارڪ لفظن کان پوءِ جيڪا ڌمڪي قرآن مجيد ۾ آيل آهي، تنهن کي پڙهڻ سان ئي هر دل رکندڙ انسان ڏڪي وڃي ٿو. ليڪن افسوس جو اسان اها ئي روش اختيار ڪئي آهي ۽ نتيجي طور انهيءَ وعيد يا ڌمڪي جا حقدار بنجي ويا آهيون— يعني هي تہ: ”جيڪو بہ توهان منجهان اها روش اختيار ڪندو، تنهن جي سزا هن کان سواءِ ٻي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي تہ دنيا ۾ کيس ذليل ۽ رسوا ڪيو وڃي ۽ آخرت ۾ کيس شديد عذاب ۾ مبتلا ڪيو وڃي.“ — تہ جيستائين دنيا ۾ رسوائي جو تعلق آهي، هڪ عبرتناڪ نقشو اڄ ڪلهہ جي مسلمان امت پيش ڪري رهي آهي. رهيو سوال آخرت واري عذاب جو تہ
ان جي حقدار بڻجڻ ۾ بہ مسلمانن ڪا ڪسر ڪانہ ڇڏي آهي. باقي الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان مدد فرمائي تہ اها ٻي ڳالهہ آهي. ﴿اِنْ تُعَذِّبْهُمْ فَاِنَّهُمْ عِبَادُكَ ۚ وَاِنْ تَغْفِرْ لَهُمْ فَاِنَّكَ اَنْتَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ﴾ (المائدة: 118) ”۽ جيڪڏهن تون انهن کي عذاب ڏيندين تہ اهي تنهنجا ٻانها آهن ۽ جيڪڏهن تون انهن کي بخشين، تہ تون غالب ڏاهپ وارو آهين!“
الله اڪبر! ڪيئن ٿي سچي اچي اسان جي حال تي پاڻ سڳورن ﷺ جن جي هي حديث مبارڪ تہ: ﴿اِنَّ اللّٰهَ يَرْفَعُ بِهٰذَا الْكِتٰبِ اَقْوَامًا وَيَضَعُ بِهِ آخَرِيْنَ﴾ (مسلم)
”الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ هن قرآن پاڪ ذريعي ڪن قومن کي سر بلندي عطا فرمائيندو ۽ ڪن کي ان سان ذليل ۽ رسوا ڪندو.“
حقيقت اها ئي آهي، جيئن علامہ اقبالؒ چيو آهي تہ:

وہ زمانے میں معزز تھے مسلماں ہو کر
اور ”تم“ خوار ہوئے تارکِ قرآں ہو کر!

جهڙيءَ طرح قرآن جي فهم لاءِ قرآن مجيد جو وسيع اصطلاح ”تذڪر“ آهي. ساڳيءَ طرح قرآن تي عمل ڪرڻ لاءِ قرآن جي سيني ڪان جامع ۽ گهڻي استعمال ٿيندڙ اصطلاح ” حُكم بِمَا اَنْزَلَ اللّٰهُ “ آهي.

”**حڪم**“ جي باري ۾ الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰى هي بنيادي اصول مقرر ڪيو آهي:

﴿اِنِ الْحُكْمُ اِلَّا لِلّٰهِ﴾ (الانعام: 57، يوسف: 40،67)

”حڪم جو اختيار سواءِ الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰى جي ڪنهن کي حاصل ناهي.“

وري خود قرآن مجيد کي ”**حڪم**“ قرار ڏنو ويو آهي:

﴿وَكَذٰلِكَ اَنْزَلْنٰهُ حُكْمًا عَرَبِيًّا﴾ (الرعد: 37)

”۽ اهڙيءَ طرح اسان هن (قرآن) کي عربي ٻوليءَ ۾ حڪم بنائي نازل ڪيو آهي“

۽ نبي اڪرم ﷺ جن جي نبوت جو مقصد هي بيان ڪيو ويو آهي ته:

﴿اِنَّآ اَنْزَلْنَآ اِلَيْكَ الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ لِتَحْكُمَ بَيْنَ النَّاسِ بِمَآ اَرٰىكَ اللّٰهُ﴾

(النساء: 105)

”تحقيق لاٿوسون تنهنجي مٿان ڪتاب، حق سان گڏ ته جيئن تون فيصلو ڪرين ماڻهن جي وچ ۾ انهيءَ جاڻ موجب جيڪا الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰى توکي عطا فرمائي آهي.“

۽ سورة المائدة (آيتون: 44،45،47) ۾ صاف صاف فرمايو ويو ته ”جيڪي ماڻهو الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰى جي ڪتاب مطابق ”**حڪم**“ نٿا ڪن، اهي ئي **ڪافر**، **ظالم** ۽ **فاسق** آهن.“

جيڪڏهن ”حڪم“ جو مفهوم هڪ لفظ ۾ بيان ڪجي ته اهو لفظ ”فيصلو“ ئي ٿي سگهي ٿو. پر ان جي اصل حقيقت سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته اها ڳالهه هميشه نظر ۾ هجي ته انسان ۾ اصل اهميت رکندڙ ٻه شيون آهن: هڪ سندس فڪر ۽ ٻيو سندس عمل. حڪم هڪ اهڙو جامع

اصطلاح آهي (جنهن ۾ هڪ ئي وقت اهي ٻئي شامل آهن) جيڪو هڪ ئي وقت انهن ٻنهي جو احاطو به ڪري ٿو ۽ خاص طرح سان انهن ٻنهي جي هڪٻئي سان ربط ۽ تعلق کي به واضع ڪري ٿو ۽ ٻنهي جي اشتراڪ واري مقام کي به نمايان ڪري ٿو.

**ڪو به خيال يا نظريو جڏهن انساني فڪر ۾ ايترو جذب ٿي وڃي جو ماڻهوءَ جي ”راءِ“ ۽ ”فيصلو“، ”حڪم“ بڻجي وڃي ته سندس عمل خود بخود ان جو تابع ٿي ويندو آهي.**

انهيءَ حقيقت کي نمايان ڪرڻ لاءِ قرآن مجيد ”عمل بالقرآن“ (قرآن مٿان عمل) کي ” حُكم بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ“ واري اصطلاح ۾ بيان ڪيو آهي، جيئن اها ڳالهه بلڪل واضح ٿي وڃي ته قرآن مجيد تي عمل ڪرڻ دراصل تڏهن ئي ممڪن آهي، جڏهن انسان جو فڪر قرآن جي تابع ٿي وڃي. ۽ قرآن جو بيان ڪيل حقيقي علم سندس دل ۽ دماغ ۾ ويهي وڃي.

آسماني ڪتابن تي عمل ڪرڻ لاءِ ٻيو اصطلاح ”**اقامت**“ آهي جيئن يهودين ۽ عيسائين بابت فرمايو ويو آهي ته:

﴿وَلَوْ اَنَّهُمْ اَقَامُوا التَّوْرٰىةَ وَالْاِنْجِيْلَ وَمَآ اُنْزِلَ اِلَيْهِمْ مِّنْ رَّبِّهِمْ لَاَكَلُوْا مِنْ فَوْقِهِمْ وَمِنْ تَحْتِ اَرْجُلِهِمْ﴾ (المائدة: 66)

”۽ جيڪڏهن اُهي قائم ڪن ها تورات ۽ انجيل کي، ۽ اُن کي، جيڪي اُنهن ڏانهن سندن پالڻهار وٽان نازل ڪيو ويو آهي، ته کائين ها (رزق حاصل ڪن ها) پنهنجي مٿان کان به ۽ پنهنجي هيٺان کان به.“

۽ ان سان گڏوگڏ فرمايو ويو:

﴿قُلْ يٰٓاَهْلَ الْكِتٰبِ لَسْتُمْ عَلٰى شَيْءٍ حَتّٰى تُقِيْمُوا التَّوْرٰىةَ وَالْاِنْجِيْلَ وَمَآ اُنْزِلَ اِلَيْكُمْ مِّنْ رَّبِّكُمْ﴾ (المائدة: 68)

”کين چئو! اي ڪتاب وارو! جيستائين توهان تورات ۽ انجيل ۽ جيڪي توهان جي پالڻهار وٽان نازل ڪيو ويو آهي، تنهن کي قائم نٿا ڪريو، توهان ڪنهن بنياد تي نہ آهيو.“

” حُكم بِمَا اَنْزَلَ اللّٰهُ “ جو تعلق گهڻو ڪري فردن (Individuals) جي فڪر ۽ عمل سان آهي، جڏهن تہ ” اقامت مَا اُنْزِلَ مِنَ اللّٰهِ“ مان مراد خاص طور تي انهيءَ اجتماعي عدل واري نظام کي قائم ڪرڻ آهي، جيڪو ڪنهن سماج ۾ شامل ماڻهن ۽ ڪنهن اجتماعي زندگي جي مختلف طبقن جي وچ ۾ عدل ۽ انصاف تي مشتمل ” توازن “ جو ضامن هوندو آهي ۽ ان نظام سان جُڙي وڃڻ کان پوءِ ڪنهن تي ڪنهن جي پاران ظلم ۽ زور زبردستيءَ ۽ ڏاڍ جو امڪان باقي نٿو رهي ۽ سياسي جبر (Political Repression) ۽ معاشي استحصال (Economic Exploitation) جا سڀ دروازا بند ٿي وڃن ٿا. اهوئي سبب آهي تہ سورة المائدة جي آيت 66 جيڪا هينئر متي گذري تنهن ۾ ” اقامت مَا اُنْزِلَ مِنَ اللّٰهِ“ جي نتيجي ۾ عام خوشحالي ۽ آسودگي (فارغ البالي) پيدا ٿيڻ جو ذڪر خاص طور تي ڪيو ويو آهي.

انهيءَ عدل ۽ انصاف واري نظام کي قائم ڪرڻ بابت مختصر بيان سورة الحديد جي هينئين آيت ۾ پڻ ڪيو ويو آهي:

﴿لَقَدْ اَرْسَلْنَا رُسُلَنَا بِالْبَيِّنٰتِ وَاَنْزَلْنَا مَعَهُمُ الْكِتٰبَ وَالْمِيْزَانَ لِيَقُوْمَ النَّاسُ بِالْقِسْطِ﴾ (آيت: 25)

”يقينًا اسان پنهنجي رسولن کي چٽين نشانين سان موڪليو ۽ انهن سان گڏ ڪتاب ۽ ميزان (تارازي) نازل ڪئي تہ جيئن ماڻهو سڌيءَ طرح انصاف تي قائم رهن.“

ليڪن سورة الشوريٰ ۾ انهيءَ جو بيان اهڙي وضاحت سان ٿيو آهي جو انهيءَ منجهان ”حڪم الٰهي“ ۽ ”اقامتِ دين“ ۽ ”ڪتاب تي ايمان“ ۽ ”اجتماعي عدل جي نظام جي قيام“ جو هڪ ٻئي سان لاڳاپو ۽ واسطو چٽيءَ طرح روشن ٿئي ٿو. انهيءَ سورت جي ٻئي رڪوع ۾ هڪ انتهائي حڪمت واري درجه بندي ۽ ترتيب سان ان مضمون جا تفصيل بيان ٿيل آهن. سڀ کان اڳ اهوئي بنيادي اصول بيان ڪيو ويو آهي، جنهن جو ذڪر آئون پهرين ڪري چڪو آهيان. يعني هي ته حڪم جو اصل اختيار الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ کي ئي آهي. سورة الشوريٰ آيت: 10 ۾ ارشاد ٿيو:

﴿وَمَا اخْتَلَفْتُمْ فِيْهِ مِنْ شَيْءٍ فَحُكْمُهٗۤ اِلَى اللّٰهِ﴾

”۽ جنهن معاملي ۾ به توهان جي وچ ۾ اختلاف ٿي پوي ته انجي فيصلي جو حق صرف الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ کي آهي.“

وري آيت: 13 ۾ انهيءَ حڪم الٰهي جي دين ۽ شريعت جي شڪل اختيار ڪرڻ بابت تفصيل بيان ٿي آهي:

﴿شَرَعَ لَكُمْ مِّنَ الدِّيْنِ مَا وَصّٰى بِهٖ نُوْحًا وَّالَّذِيْۤ اَوْحَيْنَاۤ اِلَيْكَ وَمَا وَصَّيْنَا بِهٖۤ اِبْرٰهِيْمَ وَمُوْسٰى وَعِيْسٰۤى اَنْ اَقِيْمُوا الدِّيْنَ وَلَا تَتَفَرَّقُوْا فِيْهِ﴾

”(الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ) اوهان جي لاءِ اهو دين مقرر ڪيو، جنهن جو حڪم نوح کي ڪيو هو ۽ جيڪو (اي نبي ﷺ) توهان ڏانهن وحي ڪيوسون، ۽ جنهن جو ابراهيم، موسيٰ ۽ عيسيٰ عليهم السلام کي حڪم ڪيوسون، ته دين کي قائم ڪريو ۽ ان معاملي ۾ ٽولا ٽولا نه ٿيو.“

ان کان پوءِ آيت: 15 ۾ نبي ڪريم ﷺ جن کي خطاب ڪري فرمايو:

﴿فَلِذٰلِكَ فَادْعُ ۚ وَاسْتَقِمْ كَمَاۤ اُمِرْتَ ۚ وَلَا تَتَّبِعْ اَهْوَآءَهُمْ ۚ وَقُلْ اٰمَنْتُ بِمَاۤ اَنْزَلَ اللّٰهُ مِنْ كِتٰبٍ ۚ وَاُمِرْتُ لِاَعْدِلَ بَيْنَكُمْ﴾

”پوءِ تون انهيءَ جي ئي دعوت ڏي ۽ قائم رهه ان تي جيئن توکي حڪم ڪيو ويو آهي ۽ سندن خواهشن جي پويان نه لڳ ۽ چوين ته مون ايمان آندو اُن ڪتاب تي جيڪو الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ نازل فرمايو آهي ۽ مون کي حڪم ڪيو ويو آهي ته توهان جي وچ ۾ انصاف قائم ڪريان“

وري آيت: 17 ۾ انهي پوري بحث جو خاتمو هنن جامع لفظن تي ٿيو:

﴿اَللّٰهُ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ وَالْمِيْزَانَ ۭ وَمَا يُدْرِيْكَ لَعَلَّ السَّاعَةَ قَرِيْبٌ﴾

”الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ ئي ته آهي جنهن لاٿو ڪتاب کي ڪامل حق سان ۽ ميزان به (لاٿو آهي) ۽ توکي ڪهڙي خبر شايد قيامت ويجهي ئي هجي.“

سورة الحديد جي مٿي بيان ڪيل آيت وانگر سورة الشوريٰ جي هن آيت ۾ پڻ ڪتاب سان گڏ ميزان جو لفظ آيل آهي. ان جي شرح ۾ مولانا شبير احمد عثماني رحمه الله وڏي جامع ڳالهه چئي آهي. لکي ٿو:

**”الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ مادي ساهمي به لاٿي، جنهن ۾ جسم تورجن ٿا ۽ علمي ساهمي پڻ، جنهن کي عقل سليم چئجي ٿو ۽ اخلاق واري ساهمي به جنهن کي عدل ۽ انصاف واري صفت چيو ويندو آهي. ۽ سڀ کان وڏي تارازي دينِ حق آهي، جيڪو خالق ۽ مخلوق جي حقن جو ٺيڪ ٺيڪ فيصلو ڪري ٿو ۽ جنهن ۾ ڳالهه پوري ٺُري ٿي، نه گهٽ نه زياده.“**

قرآن مجيد انتشار، افتراق ۽ مذهبي اختلاف جو بنيادي سبب ﴿بَغْيًا بَيْنَهُمْ﴾ کي قرار ڏئي ٿو. ان ڪري سورة الشوريٰ جي انهيءَ ٻئي رڪوع ۾ پڻ ﴿وَلَا تَتَفَرَّقُوْا فِيْهِ﴾ جي تاڪيدي حڪم کان پوءِ آيت: 14 ۾ تفرقه بازي ۽ انتشار جو سبب هي بيان ڪيو ويو آهي ته:

﴿وَمَا تَفَرَّقُوْٓا اِلَّا مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَ هُمُ الْعِلْمُ بَغْيًاۢ بَيْنَهُمْ﴾

۽ جيڪو تفرقو ماڻهن ۾ پيو اهو، ان کان پوءِ ٿيو جو اچي
ويو هو انهن وٽ علم، (۽ ان ڪري ٿيو جو اهي) هڪ ٻئي
تي سرڪشي ڪرڻ پيا گهرن "

دينِ حق ۽ الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي نازل ڪيل ڪتاب ۽ ميزان کي قائم ڪرڻ سان انهيءَ زيادتي ۽ سرڪشيءَ جون سڀ واٽون بند ٿيو وڃن. ان کان پوءِ نه احبارن ۽ رهبانن کي اهو موقعو ملندو جو اهي ﴿اَرْبَابًا مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ﴾ [1] ٿي ويهن ۽ نه ئي سرمايو ﴿دُوْلَةًۢ بَيْنَ الْاَغْنِيَآءِ مِنْكُمْ﴾ جي صورت اختيارڪري سگهي ٿو[2]. نه وري ڪنهن سياسي جبر ۽ ڏاڍ جو موقعو باقي رهي ٿو. بلڪ تمام انسان الله جا ٻانها ۽ پاڻ ۾ ٻائر ٿي رهن ٿا ۽ قوم جي رهبر (اُولوا الامر) جو اهو فرض ٿئي ٿو ته هو هر ڪمزور کي طاقتور سمجهي، جيستائين ڪيس پنهنجو حق نه ڏياري ۽ هر ڏاڍي کي هيٺو سمجهي، جيستائين ڪانئس حق نه حاصل ڪري— "اقامة مَا اُنْزِلَ مِنَ اللّٰهِ" جي ذريعي عدل ۽ انصاف تي ٻڌل اهڙو اجتماعي نظام قائم ڪرڻ، الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي ڪتاب مٿان ايمان رکڻ وارن تي هڪ اهڙو فرض آهي جنهن تي مجموعي حيثيت سان اهي سڀ مڪلّف (جوابدار) آهن ۽ هر شخص کي ان باري ۾ پڇاڻي ۽ جوابدهي جو فڪر ڪرڻ گهرجي. اهوئي سبب آهي ته سورة الشوريٰ ۾ ان سلسلي جي مضمون جي آخر ۾ فرمايو ويو آهي ته: "عجب ناهي ته قيامت ويجهي هجي". انهن لفظن ۾ تنبيهه ڪئي وئي آهي ته ڪتاب ۽ ميزان جي حقن جي ادائيگي لاءِ جلد فڪر ڪريو. ائين نه ٿئي جو توهان ٽال مٽول کان ڪم وٺندا رهو ۽ حساب ڪتاب جي آخري گهڙي اوچتو اچي مٿان

(1) "الله کان سواءِ ٻيا ربّ"
(2) " ته جيئن دولت توهان جي دولتمندن ۾ ئي ڦرندي رهي" (الحشر:7)

ڪڙڪي. الله جي ڪتاب ۽ ميزان جو حق تڏهن ئي ادا ٿي سگهندو، جڏهن آيت شريف ﴿لِيَقُوْمَ النَّاسُ بِالْقِسْطِ﴾ [1] ۽ ﴿وَأُمِرْتُ لِأَعْدِلَ بَيْنَكُمُ﴾ [2] موجب انهيءَ عدل واري اجتماعي نظام کي عملاً قائم ڪيو وڃي جيڪو الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ دين ۽ شريعت جي صورت ۾ اسان کي عطا فرمايو آهي.

سوال ڪري سگهجي ٿو ته الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي ڪتاب جي انهيءَ حق کي ادا ڪرڻ لاءِ ڪهڙي عملي تدبير اختيار ڪرڻ گهرجي؟ جيتوڻيڪ اهو موضوع منهنجي هن وقت جي ڳالهه ٻولهه کان ٻاهر آهي، تنهن هوندي به هيءَ اشارو ڪرڻ مناسب بلڪ ضروري معلوم ٿو ٿئي ته اقامت دين ۽ قرآن جي عدل ۽ انصاف واري نظام کي قائم ڪرڻ لاءِ ڪوشش ۽ جدوجهد کي دنيا جي ڪنهن به سياسي، معاشي يا سماجي تحريڪ تي قياس ڪرڻ هڪ سنگين غلطي آهي. اهڙي طرح شريعت کي قائم ڪرڻ لاءِ طريقو ۽ عملي نقشو وري ڪنهن غير اسلامي تحريڪ کان نقل ڪرڻ سخت نقصانڪار بلڪ هاجيڪار آهي. جهڙيءَ طرح ڪنهن فرد ۾ اسلام جي گهربل تبديلي آڻڻ لاءِ فقط هڪڙو ئي طريقو آهي ۽ اهو هي آهي ته پهرين قرآن مجيد کي سندس دل دماغ ۾ ويهاريو وڃي ته جيئن سندس ذهن و فڪر ۽ جذبات و احساسات سڀ قرآن جي تابع ٿي وڃن، جنهن جي نتيجي ۾ سندس سمورو عمل قرآن ڪريم جي تابع ٿي ويندو. ساڳيءَ ريت ڪنهن اجتماعي نظام کي تبديل ڪرڻ لاءِ صرف اها ئي هڪ واٽ آهي ته سماج ۾ سوچ سمجهه رکندڙ ذهين طبقن جي دلين ۽ دماغن ۾ قرآن جو نور پيدا ٿي وڃي ۽ سندن فڪر ۽ نظر ۾ قرآني انقلاب برپا ٿي وڃي. ڪنهن اجتماعي نظام جي علم ۽ فڪر رکندڙ ماڻهن جي طبقي ۾ جيڪڏهن ايمان ۽ يقين جو

(1) ” ته جيئن ماڻهو انصاف قائم رکن.“
(2) ” مون کي حڪم ڪيو ويو آهي ته توهان ۾ عدل قائم ڪريان.“

هڪ مضبوط مرڪز (Nucleus) قائم ٿي وڃي ته پوءِ ايمان جو نور ۽ ديني بصيرت انهن ٻين طبقن ۾ لازمي طرح پکڙجندو ويندو، جيئن ڪنهن سماج جي جسم لاءِ عضون ۽ حصن جي حيثيت رکن ٿا ۽ آهستي آهستي سمورو سماج ايمان جي نور سان چمڪي ويندو ۽ سڄو سارو دين پنهنجي مڪمل اجتماعي عدل واري نظام سميت عملي طرح قائم ٿي سگندو. انهيءَ هڪڙي واٽ کان سواءِ دين کي قائم ڪرڻ جي ٻي ڪا به واٽ ممڪن ناهي ۽ هيءُ خيال ته بلڪل اجايو ۽ ﴿وَاِنَّ اَوۡهَنَ الۡبُيُوۡتِ لَبَيۡتُ الۡعَنۡكَبُوۡتِ﴾[1] وانگر آهي ته ڪنهن مسلمان قوم جي اندر اسلام سان جيڪو روايتي لڳاءُ ۽ موروثي تعلق آهي، اُن کي پڙڪائي (Exploit) هڪ سياسي تحريڪ برپا ڪري قرآن جو نظام قائم ڪري سگهجي ٿو. بهرحال هينئر آئون ان ضمني ڳالهه کي ڇڏي پنهنجي اصلي موضوع ڏانهن توهان جو ڌيان ڇڪرائيندس. ۽ اهو هي ته قرآن مجيد جي مٿان عمل يعني ”حُكم بِمَا اَنْزَلَ اللّٰهُ “ ۽ ”اقامت مَا اُنزِلَ مِنَ اللّٰه“جو جيڪو قرآن مجيد جو حق هر مسلمان تي انفرادي حيثيت ۾ ۽ پوري امتِ مسلمه تي اجتماعي لحاظ سان عائد ٿئي ٿو، ان کي ادا ڪرڻ جو فڪر اسان مان هر هڪ کي انفرادي سطح تي ۽ اجتماعي طور تي پڻ ڪرڻ گهرجي.

# پنجون حق

## تبليغ ۽ تبيين

مڃڻ، پڙهڻ، سمجهڻ ۽ عمل ڪرڻ کان پوءِ قرآن مجيد جو هڪ ٻيو حق به هر هڪ مسلمان تي، سندس صلاحيت مطابق عائد ٿئي ٿو ۽ اهو هي ته هو ان کي ٻين تائين پهچائي.

(1) ” ۽ سڀني گهرن ۾ نهايت ڪمزور گهر مڪڙي جو آهي.“ (العنكبوت: 41)

پهچائڻ لاءِ قرآن مجيد جو اصل اصطلاح "**تبليغ**" آهي. پر تبليغ جا ڪيترائي پهلو آهن ۽ گهڻا درجا آهن. تان جو تعليم به تبليغ جو ئي هڪ شعبو آهي ۽ تبيين (چٽو بيان ڪرڻ) ته انهيءَ جو هڪ بلند درجو آهي. قرآن مجيد پاڻ پنهنجي نزول جو مقصد هنن لفظن ۾ بيان ڪري ٿو:

﴿هٰذَا بَلٰغٌ لِّلنَّاسِ وَلِيُنْذَرُوْا بِهٖ﴾ (ابراهيم : 52)

"هيءَ (قرآن) پهچائي ڇڏڻ آهي ماڻهن جي لاءِ ته جيئن ڪين ان ذريعي خبردار ڪيو وڃي."

۽ نبي ڪريم ﷺ جن تي قرآن مجيد نازل ٿيڻ جو اولين مقصد هي بيان ڪري ٿو ته:

﴿وَاُوْحِيَ اِلَيَّ هٰذَا الْقُرْاٰنُ لِاُنْذِرَكُمْ بِهٖ وَمَنْۢ بَلَغَ﴾ (الانعام: 19)

"۽ وحي ڪيو ويو آهي مون ڏانهن هن قرآن کي، ته جيئن ان ذريعي توهان کي ۽ جنهن کي اهو پهچي، خبردار ڪريان" (1)

گڏوگڏ هن ڳالهه کي چٽائيءَ سان بيان فرمايو ويو ته هن قرآن پاڪ کي بغير ڪنهن گهٽ وڌائيءَ جي پنهنجي اصلي صورت ۾ پهچائڻ نبي سڳورن ﷺ جن جو اهو نبوي مقصد آهي، جنهن ۾ ادنىٰ درجي جي ڪوتاهي به نبوت جي مقصدن ۽ فرضن ۾ قصور (ڏوهه) ليکيو ويندو. ان ڪري سورة المائده ۾ نهايت تاڪيد سان حڪم ڏنو ويو آهي:

﴿يٰٓاَيُّهَا الرَّسُوْلُ بَلِّغْ مَآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ ؕ وَاِنْ لَّمْ تَفْعَلْ فَمَا بَلَّغْتَ رِسٰلَتَهٗ﴾ (المائدة: 67)

(1) واضع هجي ته هڪ بگڙيل سماج ۾ "تبليغ" جو پهريون قدم "انذار" (خبردار ڪرڻ) ئي هوندو آهي.

”اي رسول ﷺ! جيڪو ڪجھ تو تي تنهنجي رب وٽان نازل ٿيو آهي اهو (بغير گھٽ وڌائي جي) پهچاءِ. پوءِ جيڪڏهن تو ائين نہ ڪيو تہ تو الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي رسالت جو فرض ادا نہ ڪيو.“

بعثت جي اول گھڙي کان وٺي حياتيءَ جي آخري دم تائين، لڳاتار ٽيويهہ (23) سال پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي نبوت جي فرض ادا ڪرڻ ۾ تمام گھڻيون تڪليفون ۽ مصيبتون برداشت ڪيون. ان عرصي ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جن جي دعوت جيتوڻيڪ تمام گھڻن ڏکين مرحلن مان گذري، جن ۾ حضور ﷺ جن جون مصروفيتون بہ تمام ٿڙيل پکڙيل نظر اچن ٿيون، پر غور سان ڏسجي تہ انهيءَ سڄي عرصي ۾ بہ نبي اڪرم ﷺ جن جي جدوجهد جو اصل محور ۽ مرڪز قرآن مجيد ئي رهيو ۽ ان جي تلاوت ۽ تبليغ ۽ تعليم ۽ تبيين ۾ پاڻ برابر رڌل (مصروف) رهيا. ان ڪري قرآن پاڪ ۾ چئن هنڌن تي حضور ﷺ جن جي دعوت و تبليغ ۽ اصلاح و انقلاب جي طريقي جي وضاحت هنن لفظن ۾ ٿي آهي:

﴿يَتْلُوا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِهٖ وَيُزَكِّيْهِمْ وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ﴾

(آل عمران: 164، الجمعة: 2)

”(پاڻ ﷺ) جن مٿن الله جي آيتن جي تلاوت ڪن ٿا، سندن تزڪيو ڪن ٿا ۽ کين ڪتاب ۽ حڪمت جي تعليم ڏين ٿا.“

ظاهر آهي تہ هنن آيتن مبارڪن جو مطلب اهوئي آهي، جيڪو آئون اڳ ۾ اسلامي انقلاب جي مخصوص طريقي جي وضاحت ڪندي بيان ڪري آيو آهيان. بهرحال انهيءَ طريقي موجب مسلسل ٽيويهہ (23) سال محنت ڪري، پاڻ ڪريم ﷺ جن قرآن جي تبليغ جو حق ادا ڪيو ۽ الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي امانت سندس ٻانهن تائين پهچائڻ فرمائي. الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي امانت کي ادا ڪرڻ جي انهيءَ جدوجهد ۾ جاکوڙ دوران

پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي جان نثارن (1) کان بہ تعاون حاصل ڪيو ۽ ڪين تاڪيد فرمائي تہ:

﴿بَلِّغُوا عَنِّيْ وَلَوْ اٰيَةً﴾

”منهنجي طرفان پهچايو توڙي هڪ ئي آيت!“

۽ پنهنجي مقصد جي تڪميل جي وقت، قرآن پاڪ جي تبليغ جو فرض امت جي سپرد ڪري ويا. انهيءَ ڪري حجة الوداع جي خطبي ۾ جتي سوا لک کان بہ وڌيڪ اصحابين سڳورن ﷺ جو ميڙ موجود هو، سڀ کان پهرين پاڻ ڪريم ﷺ جن ماڻهن کان اها شهادت ورتي تہ مون تبليغ جو حق ادا ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ آئيندي لاءِ اها مستقل هدايت فرمائي ڇڏي.

﴿فَلْيُبَلِّغِ الشَّاهِدُ الْغَائِبَ﴾

”هاڻي جيڪي هتي موجود آهن تن کي گهرجي تہ انهن ماڻهن تائين پهچائين جيڪي هتي موجود ناهن.“

اهڙيءَ طرح قرآن پاڪ جي تبليغ جو فرض قيامت تائين امتِ مسلمه جي ڪُلهن تي منتقل ٿي ويو، جنهن جي لاءِ پوري امت مجموعي حيثيت ۾ الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰى وٽ جوابدار رهندي. هاڻي ظاهر آهي تہ امت فردن تي ئي مشتمل آهي. تنهن ڪري هن امت جو هر هڪ فرد پنهنجي پنهنجي صلاحيت ۽ وَس آهر هن فرض کي ادا ڪرڻ جو ذميوار آهي. عالمن فاضلن جي مٿان اها ذميواري سندن علم ۽ فضل مطابق لاڳو ٿئي ٿي ۽ عام ماڻهن تي انهن جي صلاحيت موجب.

---

(1) انهن پاڪ هستين منجهان حضرت مصعب بن عمير رضي الله عنه جو مثال تہ تمام روشن آهي، جنهن جي تعليم ۽ تبليغ ذريعي مديني منوره ۾ انقلاب برپاء ٿيو ۽ هي سرزمين ”دار الهجرت“ جو شرف ۽ اعزاز حاصل ڪرڻ جي قابل ٿي. الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰى هر مسلمان کي انهن جي نقش قدم تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي آمين.

**ڀرحال نبي ڪريم ﷺ جن جي انهن مبارڪ لفظن يعني ﴿بَلِّغُوْا عَنِّیْ وَلَوْ اٰیَةً﴾ جي عموميت مان ثابت ٿئي ٿو تہ انهيءَ ذميداريءَ کان بلڪل آجو (آزاد) ڪو بہ ڪونهي. جنهن کي ناظره پڙهڻ اچي ٿو، اهو ٻين کي ناظره پڙهڻ سيکاري، جنهن کي حفظ آهي سو ٻين کي ياد ڪرائي. جنهن کي ترجمو اچي ٿو اهو ٻين کي ترجمو سيکاري. ۽ جنهن کي ان جو جيڪو ڪجهہ علم ۽ فهم حاصل هجي اهو ان کي ٻين تائين پهچائي. ايستائين جو ڪنهن کي هڪ آيت بہ ياد هجي تہ اها ٻين کي ياد ڪرائي. يا قرآن جي ڪنهن هڪ سورت يا آيت جو مفهوم معلوم هجي ۽ هُو صرف انهيءَ جو ٻئي علم ٻين ڏانهن منتقل ڪري ڇڏي تہ سندس اهو عمل بہ ”تبليغ قرآن“ ۾ شامل آهي. جڏهن تہ هن مقدس ۽ عظيم الشان فرض جي ادائيگي جي جيڪا ذميداري امتِ مسلمہ تي مجموعي حيثيت ۾ لاڳو ٿئي ٿي اها تڏهن ئي پوري ٿي سگهي ٿي، جڏهن قرآن جو متن ۽ ان جو مفهوم دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچايو وڃي!**

موجوده حالتن ۾ هي هڪ تمام ڏورانهين ۽ خوبصورت خواب جهڙي ڳالهہ ٿي معلوم ٿئي، ڇاڪاڻ تہ حقيقي صورتحال اهائي آهي تہ جيڪا امت قرآن کي دنيا جي قومن تائين پهچائڻ لاءِ ذميوار بنائي ويئي هئي، سا اڄ پاڻ ئي ايتري قدر محتاج آهي جو خود هن کي قرآن پهچايو وڃي. تنهن ڪري هن وقت اصل ضرورت هن ڳالهہ جي آهي تہ خود امت جي اندر قرآن جي تعليم ۽ سکيا جي تحريڪ ۽ لهر ڊوڙڻ گهرجي ۽ هر مسلمان درجي بدرجي قرآن سکڻ ۽ سيکارڻ ۾ لڳي وڃي. آئون ڏٽي جي در تي دعاگو آهيان تہ شال الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ اسان سڀني کي انهيءَ جي توفيق عطا فرمائي. آمين

جيئن آئون پهرين بہ عرض ڪري آيو آهيان، تبليغ جوئي هڪ شعبو تعليم بہ آهي، ۽ انهيءَ جو ئي هڪ اعلىٰ درجو اهو آهي جنهن کي قرآن حڪيم "**تبيين**" جو نالو ڏئي ٿو يعني چٽائي سان بيان ڪرڻ. جنهن جو مطلب هي آهي تہ قرآن مجيد کي نہ رڳو "پهچايو" وڃي بلڪ ان جي پوري وضاحت بہ ڪئي وڃي. جيئن تہ مون قرآن جي تدبر جي ضمن ۾ پڻ ذڪر ڪيو هو تہ ماڻهن جي سمجهہ موجب ڳالهہ ڪئي وڃي ۽ قرآني هدايت جو نور ماڻهن جي نگاهن جي بلڪل سامهون روشن ڪيو وڃي ۽ ٻيو هي تہ قرآن جي سورتن ۽ آيتن ۾ سمايل مضمونن ۽ حقيقتن کي چڱيءَ طرح بيان ۽ روشن ڪيو وڃي. قرآن ڪريم پنهنجو پاڻ کي "بيان" جي لفظ سان پڻ ذڪر ڪيو آهي. جيئن تہ:

﴿هٰذَا بَيَانٌ لِّلنَّاسِ وَهُدًى وَّمَوْعِظَةٌ لِّلْمُتَّقِيْنَ﴾ (آلِ عمران: 138)

"هيءَ وضاحت آهي ماڻهن لاءِ ۽ هدايت ۽ نصيحت آهي پرهيزگارن جي لاءِ."

۽ پنهنجي لاءِ "مبين" (روشن) ۽ پنهنجي آيتن لاءِ "**بَيِّنَات**" ۽ "**مُبَيِّنَات**" (روشن ۽ چٽيون نشانيون) جي وصفن جو استعمال تمام گهڻو ڪيو آهي. گڏوگڏ اهو پڻ واضح ڪيو آهي تہ الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰى جي ڪتابن جي تبيين ۽ توضيح ڪرڻ نبين سڳورن عليهم السلام جي ذميواري بہ آهي تہ سندن امتن جي بہ ذميواري آهي جن ڏانهن اهي ڪتاب نازل ڪيا ويا هئا. جيئن حضور صلى الله عليه وسلم جن کي خطاب ڪندي ارشاد فرمايو ويو تہ:

﴿وَاَنْزَلْنَآ اِلَيْكَ الذِّكْرَ لِتُبَيِّنَ لِلنَّاسِ مَا نُزِّلَ اِلَيْهِمْ﴾ (النحل: 44)

"۽ لاٿي سون اوهان ڏانهن "ياد ڏياريندڙ" (نصيحت) تہ جيئن توهان واضح ڪريو ماڻهن جي آڏو اُن کي جيڪو لاٿو ويو آهي اُنهن جي لاءِ."

۽ اهل ڪتاب بابت فرمايو ويو تہ انهن کان ڪتاب ڪي بيان ڪرڻ جو عهد (وعدو) ورتو ويو هو.

﴿وَإِذْ أَخَذَ اللَّهُ مِيثَاقَ الَّذِينَ أُوتُوا الْكِتَابَ لَتُبَيِّنُنَّهُ لِلنَّاسِ﴾

(آلِ عمران: 187)

”۽ جڏهن وعدو ورتو الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ انهن ماڻهن کان جن کي ڪتاب ڏنو ويو تہ انکي چٽيءَ طرح بيان ڪندؤ ماڻهن لاءِ.“

ليڪن جڏهن هنن پنهنجي انهيءَ فرض کي ادا نہ ڪيو ۽ اٽلندو حق کي لڪائڻ جو ڏوهہ ڪندا رهيا تہ الله جي لعنت جا حقدار قرار ڏنا ويا.

﴿إِنَّ الَّذِينَ يَكْتُمُونَ مَا أَنْزَلْنَا مِنَ الْبَيِّنَاتِ وَالْهُدَىٰ مِنْ بَعْدِ مَا بَيَّنَّاهُ لِلنَّاسِ فِي الْكِتَابِ أُولَٰئِكَ يَلْعَنُهُمُ اللَّهُ وَيَلْعَنُهُمُ اللَّاعِنُونَ﴾

(البقرة:159)

”بيشڪ جيڪي ماڻهو لڪائين ٿا انهيءَ چٽي تعليم ۽ هدايت کي جيڪا اسان نازل ڪئي آهي ان کانپوءِ جو پڌرو ڪيو اسان ان کي ماڻهن لاءِ ڪتاب ۾، تہ اهڙن ماڻهن جي مٿان لعنت ٿو ڪري الله ۽ لعنت ٿا ڪن سڀ لعنت ڪرڻ وارا.“

انهيءَ ”**تبيين**“ جو گهٽ ۾ گهٽ درجو هي آهي تہ هر قوم جي مٿان سندس عام زبان ۽ آسان محاورن ۾، سَولِي انداز ۾ قرآن مجيد جو سادو مفهوم واضح ڪيو وڃي. ڇاڪاڻ تہ ڪنهن قوم لاءِ قرآن جي تبيين سندس پنهنجي ٻولي ۾ ئي ٿي سگهي ٿي، جيئن فرمايو ويو:

﴿وَمَا أَرْسَلْنَا مِنْ رَسُولٍ إِلَّا بِلِسَانِ قَوْمِهِ لِيُبَيِّنَ لَهُمْ﴾ (ابراهيم: 4)

”۽ نہ موڪليو اسان ڪنهن رسول کي مگر سندس قوم جي ٻوليءَ ۾ تہ جيئن انهن لاءِ چٽيءَ طرح بيان ڪري (الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جون آيتون).“

۽ ان جو آخري درجو هي آهي ته الله تَبَارَكَ وَتَعَالىٰ جي پاڪ ڪتاب جي علم و حڪمت ۽ حقيقت و معرفت کي کولي کولي بيان ڪجي. ان جي دليلن جي طور طريقي کي بيان ڪجي. ان جي دليلن ۽ حجتن جي ذريعي هر طرح جي گمراهه عقيدن ۽ باطل نظرين جي ترديد ڪئي وڃي ۽ زماني جي تمام اعلىٰ علمي سطح ۽ علمي استدلال (دليل بازي) موجب قرآن حڪيم ۽ سندس تعليمات جي سچائي ۽ برتري ثابت ڪئي وڃي. تبيينِ قرآن جي ادنىٰ (ننڍي کان ننڍي) درجي جي حق کي ادا ڪرڻ جي في الحال صورت اها آهي ته دنيا جي هر قابل ذڪر زبان ۾ قرآن مجيد جا فصيح ۽ بليغ ترجما، مختصر تشريح ۽ تفسير سان شايع ڪيا وڃن. ۽ وسيع پيماني تي اشاعت ڪئي وڃي.— اعلىٰ درجي ۾ ان جي حق جي ادائگي فقط ان طرح ٿي سگهي ٿي، جيئن مون تدبر قرآن جي سلسلي ۾ پڻ عرض ڪيو هو، ته سڄي اسلامي دنيا ۾ هر هنڌ اهڙيون اڪيڊميون ۽ يونيورسٽيون قائم ڪجن، جن جو مرڪزي موضوع قرآن حڪيم هجي ۽ انهن ذريعي اعلىٰ ترين علمي سطح تي قرآن مجيد جي هدايت ۽ تعليمات جي وضاحت ڪئي وڃي.

❁❁❁

دوستو! هي آهن قرآن مجيد جا اهي حق، جيڪي منهنجي سمجهه مطابق اسان سڀني تي مسلمان هجڻ جي حيثيت ۾ لاڳو ٿين ٿا ۽ جن کي ادا ڪرڻ جو فڪر اسان مان هر هڪ کي ڪرڻ گهرجي. اسين اُها خوش قسمت قوم آهيون، جنهن وٽ الله تَبَارَكَ وَتَعَالىٰ جو ڪلام پاڪ بلڪل محفوظ حالت ۾ موجود آهي. اها ڳالهه جتي وڏي عزت جو سبب آهي، اتي هڪ وڏي ذميواري پڻ اسان تي عائد ٿئي ٿي. اسان کان اڳ الله تَبَارَكَ وَتَعَالىٰ جي ڪتاب جا وارث بني اسرائيل بڻايا ويا هئا. جڏهن انهن انهيءَ عظيم مرتبي ۽ ذميواري کي پورو نه ڪيو ۽ ثابت ڪيائون ته اهي ان اعزاز ۽ مان جا لائق نه آهن تڏهن هڪ ٻي امت برپا ڪئي

وئي ۽ کيس قرآن مجيد ڏئي نوازيو ويو. سورة الجمعة جي آيت: 5 ۾ ڪتاب الٰهي جو حامل بڻجڻ کان پوءِ، ان جو حق ادا نہ ڪندڙ لاءِ هڪ مثال بيان ڪيو ويو آهي تہ:

﴿مَثَلُ الَّذِيْنَ حُمِّلُوا التَّوْرٰىةَ ثُمَّ لَمْ يَحْمِلُوْهَا كَمَثَلِ الْحِمَارِ يَحْمِلُ اَسْفَارًا﴾

”انهن ماڻهن جو مثال، جن کي تورات ڏنو ويو پوءِ انهن ان کي نہ کنيو، (پنهنجي ذميواري نہ نڀايائون) انهيءَ گڏھ وانگر آهي جيڪو ڪتابن جو بار ڍوئيندو وتندو هجي.“

۽ پوءِ ان کان فورًا بعد ساڳئي ئي آيت ۾ واضح ڪيو ويو آهي تہ سندن اهو فعل الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰى جي آيتن کي ڪوڙو سمجهڻ جي برابر آهي.

﴿بِئْسَ مَثَلُ الْقَوْمِ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ﴾

”تمام بڇڙو مثال آهي انهن ماڻهن جو جن الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰى جي آيتن کي ڪوڙو ڪيو.“

۽ ساڳئي ئي آيت ۾ الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰى جو هي قانون پڻ بيان ڪيو ويو تہ:

﴿وَاللّٰهُ لَا يَهْدِى الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ﴾

”۽ الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰى (اهڙن) ظالمن کي هدايت نہ ڏيندو آهي.“

آئون الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰى جي پناھ تو ونان ان ڳالھ کان تہ منهنجو يا اوهانجو شمار اهڙن ماڻهن ۾ ٿئي ۽ دعا تو ڪريان تہ الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰى اسان کي قرآن جو سچو حامل ۽ عمل ڪندڙ بنائي.

سورة الفرقان آيت: 30 ۾ الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰى ارشاد فرمائي ٿو:

﴿وَقَالَ الرَّسُوْلُ يٰرَبِّ اِنَّ قَوْمِى اتَّخَذُوْا هٰذَا الْقُرْاٰنَ مَهْجُوْرًا﴾

”۽ رسول ﷺ چيو تہ اي منهنجا رب! منهنجي قوم هن قرآن کي نظرانداز ڪري ڇڏيو.“

هن آيت مبارڪ ۾ جيتوڻيڪ ذڪر انهن ڪافرن جو آهي، جن وٽ قرآن مجيد ڪا توجهہ جي لائق شيءِ ئي ناهي. ليڪن قرآن کي مڃڻ وارا اهي

ماڻهو پڻ ان ضمن ۾ اچي وڃن ٿا، جيڪي عملاً قرآن سان بي توجهي ۽ بي رُخي واري روش هلن ٿا. انهيءَ ڪري مولانا شبير احمد عثماني رحمه الله لکي ٿو:

”هن آيت ۾ ذڪر جيتوڻيڪ صرف ڪافرن جو آهي، تنهن هوندي به قرآن جي تصديق نه ڪرڻ، ان ۾ تدبر نه ڪرڻ، مٿس عمل نه ڪرڻ، سندس تلاوت نه ڪرڻ، ان جي قراءت جي درستي ۾ توجهه نه ڏيڻ، ڪائنس منهن موڙي لغويات ۽ حقير شين ۾ دلچسپي وٺڻ، اهي سموريون شيون درجي بدرجي قرآن کي ڇڏي ڏيڻ ۾ اچن ٿيون“.(1)

---

(1) عجيب اتفاق آهي، بلڪ ائين چوڻ وڌيڪ مناسب ٿيندو ته مولانا شبير احمد عثماني رحمه الله جا اِهي لفظ نبي ڪريم ﷺ سان قرب جو دليل آهن جو اهڙائي لفظ هڪ حديث ۾ پڻ آيل آهن، جن کي حضرت عبيده مليڪي رضي الله عنه روايت ڪيو ۽ جنهن ۾ نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو ته: ﴿يَا اَهْلَ الْقُرْآنِ لَا تَتَوَسَّدُوا الْقُرْآنَ وَاتْلُوْهُ حَقَّ تِلَاوَتِهٖ مِنْ آنَاءِ اللَّيْلِ وَالنَّهَارِ وَافْشُوْهُ وَتَغَنَّوْهُ وَتَدَبَّرُوْا فِيْهِ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ﴾(شعب الايمان للبيهقي، بحواله معارف الحديث، جلد پنجم)

”اي قرآن وارو! قرآن کي بس (ٽيڪ لڳائڻ وارو) وهاڻو ئي نه بڻايو بلڪ ڏينهن رات جي وقتن ۾ سندس تلاوت ڪندا رهو، جيئن ان جي تلاوت جو حق آهي ۽ ان کي (دنيا ۾) پکيڙيو ۽ ڪيس مٺي آواز ۾ پڙهندا رهو ۽ منجهس غور فڪر ڪندا رهو ته جيئن توهان ڪامياب ٿيو“.

سبحان الله! ڪيترو نه سهڻو آهي، اهو خطاب جو هن امت کي مليو ۽ ڪيتري قدر جامع آهن حديث شريف جا لفظ جن ۾ مسلمانن جي مٿان قرآن مجيد جي حقن کي بيان ڪيو ويو آهي. حقيقت اها آهي ته اسان جون سوين تقريرون قربان وڃن حضور پاڪ ﷺ جن جي انهن چند جملن تي ـــــ بلڪل سچ فرمايو آهي نبي سائين ﷺ جن ته ﴿اُوْتِيْتُ جَوَامِعُ الْكَلِمِ﴾”مون کي نهايت جامع ڪلمات ڏنا ويا آهن.“ فِدَاهُ اَبِيْ وَاُمِّيْ وَصَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ۔

آئون هڪ پيرو وري الله تَبَارَكَ وَتَعَالیٰ کان پناهه ٿو گهران ته اسان جو ڳاڻيٽو (شمار) اهڙن ماڻهن ۾ نه ٿئي، جن جي خلاف پاڻ سڳورا ﷺ الله تَبَارَكَ وَتَعَالیٰ جي عدالت ۾ قرآن کي پنهنجي ڏيڻ ۽ ڇڏي ڏيڻ جي فرياد فرمائيندا ۽ انهيءَ ماثور دُعا تي پنهنجي تقرير کي ختم ٿو ڪريان، جيڪا عام طور تي صرف قرآن جي ختمي جي وقت ئي پڙهي ويندي آهي، ليڪن هن جي باري ۾ منهنجي راءِ اها آهي ته اسان کي اڪثر اها دُعا پڙهڻ گهرجي ته جيئن اسان کي قرآن مجيد جا حق ادا ڪرڻ لاءِ الله ربُ العزت وٽان توفيق نصيب ٿئي.

﴿اَللّٰهُمَّ ارْحَمْنَا بِالْقُرْآنِ الْعَظِيْمِ وَاجْعَلْهُ لَنَا اِمَامًا وَّنُوْرًا وَهُدًى وَّرَحْمَةً، اَللّٰهُمَّ ذَكِّرْنَا مِنْهُ مَا نَسِيْنَا وَعَلِّمْنَا مِنْهُ مَا جَهِلْنَا وَارْزُقْنَا تِلَاوَتَهُ آنَاءَ اللَّيْلِ وَاَطْرَافَ النَّهَارِ وَاجْعَلْهُ لَنَا حُجَّةً يَّا رَبَّ الْعَالَمِيْنَ﴾ (آمين)

**”اي الله! اسان تي قرآن جي بدولت رحم فرما ۽ ان کي اسان جي لاءِ رهنما، نور ۽ هدايت و رحمت جو ذريعو بڻاءِ. پالڻهار! ان منجهان جيڪي اسان کان وسري ويو آهي، سو اسان کي ياد ڪراءِ ۽ جيڪي نٿا ڄاڻون سو سيکار ۽ اسان کي توفيق عطا ڪر ته اسان ان جي تلاوت ڪريون رات ۽ ڏينهن جي وقتن ۾، ۽ بڻاءِ ان کي رهبر اسان لاءِ اي سڀني جهانن جا پالڻهار!“ (آمين)**

تبرڪ طور هڪ ٻي دُعا اڳيان ڏنل آهي جيڪا هونئن ته پاڻ سڳورن ﷺ جن اصحابي سڳورن رضي الله عنهم کي پريشانين ۽ ڳڻتين جي علاج لاء ۽ ڏکن ۽ غمن کي دور ڪرڻ لاء تلقين فرمائي هئي پر ان دُعا مان هڪ طرف ته ڪامل عبديت (ٻانهپ) جي مقام جي وضاحت ٿئي ٿي ته ٻئي طرف ﴿شِفَاءٌ لِّمَا فِي الصُّدُوْرِ﴾ جو مفصّل تفسير سامهون اچي ٿو. گڏوگڏ اها حقيقت پڻ اجاگر ٿئي ٿي ته خود نبي ڪريم ﷺ جن جو قرآن مجيد سان ڪيترو گهرو تعلق هو ۽ سندن نگاهن ۾ قرآن جو ڪيترو قدر و منزلت ۽ اهميت و مرتبو هو.

# هڪ عظيم ماثور دُعا
# ڪامل عبديت جو بهترين نمونو
# ۽ ﴿شِفَاءٌ لِّمَا فِي الصُّدُوْرِ﴾ جو ڪامل تفسير

﴿اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ عَبْدُكَ وَابْنُ عَبْدِكَ وَابْنُ اَمَتِكَ فِيْ قَبْضَتِكَ نَاصِيَتِيْ بِيَدِكَ مَاضٍ فِيَّ حُكْمُكَ عَدْلٌ فِيَّ قَضَاءُكَ اَسْئَلُكَ بِكُلِّ اسْمٍ هُوَ لَكَ سَمَّيْتَ بِهٖ نَفْسَكَ اَوْ عَلَّمْتَهٗ اَحَدًا مِّنْ خَلْقِكَ اَوْ اَنْزَلْتَهٗ فِيْ كِتَابِكَ اَوِ اسْتَأْثَرْتَ بِهٖ فِيْ مَكْنُوْنِ الْغَيْبِ عِنْدَكَ اَنْ تَجْعَلَ الْقُرْآنَ رَبِيْعَ قَلْبِيْ وَنُوْرَ صَدْرِيْ وَجِلَآءَ حُزْنِيْ وَذَهَابَ هَمِّيْ وَغَمِّيْ اٰمِيْنَ يَارَبَّ الْعَالَمِيْنَ﴾

”اي الله! آئون تنهنجو ٻانهو آهيان، تنهنجي هڪ ادنیٰ ٻانهي ۽ ٻانهياڻي جو پٽ آهيان، مون تي تنهنجو ئي ڪامل اختيار آهي، منهنجي پيشاني تنهنجي ئي هٿ ۾ آهي، منهنجي باري ۾ تنهنجو هر حڪم نافذ آهي، منهنجي باري ۾ تنهنجو هر فيصلو عدل آهي. آئون توکان ئي سوال ٿو ڪريان تنهنجي هر انهيءَ پاڪ اسم وسيلي، جنهن سان تو پنهنجي ذات کي موسوم فرمايو، يا مخلوق منجهان ڪنهن کي سيکاريئي، يا پنهنجي ڪنهن ڪتاب ۾ نازل ڪيئي، يا انهيءَ کي پنهنجي ڪنهن مخصوص غيب جي خزانہ ۾ محفوظ رکيو اٿئي، تہ (پوءِ اي منهنجا الله!) تون ٻڌاء قرآن مجيد کي منهنجي دل جي بهار ۽ منهنجي سيني جو نور ۽ منهنجي غم جي دوا ۽ منهنجي رنج ۽ ڏک کي ختم ڪرڻ جو سبب قبول فرماءِ اي جهانن جا پالڻهار!“

(مسند احمد، بروايت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه)

# امت جي تباهي ۽ بربادي جو اصل ڪارڻ ۽ ان جو علاج مولانا ابو الڪلام آزاد جي نظر ۾

”جيڪڏهن ڪو مسلمانن جي موجوده سيني تباهين ۽ بدبختين جي حقيقي بيماري پڇڻ گهري ۽ ان سان گڏوگڏ اها شرط پڻ لڳائي ته فقط هڪ ئي اهڙي حقيقي بيماري بيان ڪجي جيڪا سيني بيمارين ۽ ڪارڻن تي حاوي ۽ جامع هجي ته اُن کي ٻڌائي سگهجي ٿو ته: ”علماءِ حق ۽ سچن مرشدن جي کوٽ ۽ علماء سُوء (بُرن عالمن ۽ فسادين و دجالن جي ڪثرت “ —﴿رَبَّنَا اِنَّآ اَطَعْنَا سَادَتَنَا وَكُبَرَاءَ نَا فَاَضَلُّوْنَا السَّبِيْلَا﴾ — (اي اسان جا رب! اسان پنهنجن اڳواڻن ۽ وڏن جي تابعداري ڪئي ۽ انهن اسان کي سڌي واٽ کان گمراهه ڪري ڇڏيو). ۽ پوءِ جيڪڏهن اُهو ماڻهو پڇي ته هڪ ئي جملي ۾ ان جو علاج ڇا آهي؟ ته ان کي حضرت امام مالڪ ﷺ جي لفظن ۾ جواب ملڻ گهرجي ته : ﴿لَا يَصْلُحُ آخِرُ هٰذِهِ الْاُمَّةِ اِلَّا بِمَا صَلَحَ بِهِ اَوَّلُهَا﴾ — يعني هن مرحوم امت جي آخري زماني جي اصلاح (سڌارو) ايسيتائين نه ٿي سگهندي جيسيتائين جو اهو ئي طريقو اختيار نه ڪيو وڃي جنهن سان هن امت جي شروعاتي دؤر جي اصلاح ٿي هئي، ۽ اهو طريقو ان کان سواءِ ٻيو ڪو ناهي جو قرآن حڪيم جي اصلي ۽ حقيقي سمجهه جي پرچار ڪندڙ سچا مرشد (حقيقي عالم) پيدا ڪيا وڃن.“

**(البلاغ: جلد پهريون، شمارو پهريون)**
**(تاريخ: 12 نومبر 1915ء)**

# مسلمانن جي ڪمزور حالت جو اصل ڪارڻ ۽ ان جي علاج لاءِ اصل ڪرڻ جو ڪم

## شيخ الهند مولانا محمود الحسن رحمة الله عليه
## (مالٽا جيل جو قيدي)

”مون جيستائين جيل جي اڪيلائين ۾ ان ڳالهه تي غور ڪيو ته مسلمان سڄي دنيا ۾ ديني ۽ دنياوي هر حيثيت سان ڇو تباهه ٿي رهيا آهن؟ ته ان جا مکيه ٻه سبب معلوم ٿيا. هڪ ته مسلمانن جو قرآن کي ڇڏي ڏيڻ ۽ ٻيو مسلمانن جا پاڻ ۾ اختلاف ۽ خانه جنگي. ان ڪري آئون اُتان (جيل مان) اهو عزم ڪري آيو آهيان ته پنهنجي باقي بچيل زندگي انهيءَ ڪم ۾ لڳائيندس ته قرآن ڪريم کي لفظي ۽ معنوي طور تي عام ڪيو وڃي، ٻارن جي لاءِ لفظي تعليم جا مدرسا هر ڳوٺ ۽ آبادي ۾ قائم ڪيا وڃن، وڏن کي عوامي درسِ قرآن جي صورت ۾ قرآن جي سمجهاڻيءَ سان واقف ڪرايو وڃي ۽ قرآني تعليم تي عمل ڪرڻ لاءِ اڀاريو وڃي ۽ مسلمانن جي پاڻ ۾ جهيڙي ۽ جنگ کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو وڃي.“

( وحدت امت، تاليف مفتي محمد شفيع صاحب رحمه الله )

# لفظ ”مهجور“ جي تشريح
## مولانا تاج محمود امروٽي رحمة الله عليه
### (سورة الفرقان: 30)

﴿وَقَالَ الرَّسُوْلُ يٰرَبِّ اِنَّ قَوْمِي اتَّخَذُوْا هٰذَا الْقُرْاٰنَ مَهْجُوْرًا﴾

”۽ رسول ﷺ چيو”اي منهنجا پروردگار! منهنجي قوم هن قرآن کي ڇڏي ڏنو هو“

”جناب رسالت مآب ﷺ قيامت جي ڏينهن الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ وٽ شڪايت ڪندو ته منهنجا پروردگار!منهنجي قوم قرآن کي ڇڏي ڏنو. ڇڏي ڏيڻ جون ڪيئي صورتون آهن: ان کي نه مڃڻ، ان تي ايمان نه آڻڻ به ڇڏي ڏيڻ آهي، ان ۾ غور نه ڪرڻ ۽ سوچي سمجهي نه پڙهڻ به ڇڏي ڏيڻ آهي. اُن جي حڪمن کي بجا نه آڻڻ ۽ اهي برا ۽ بد ڪم جن جي ڪرڻ جي شريعت ۾ منع ٿيل آهي، ان کان پاسو يا پرهيز نه ڪرڻ به ڇڏي ڏيڻ آهي. قرآن جي پرواهه نه ڪري بين شين جيئن بيهوده ناولن، ديوانن، اجاين ڳالهين، راندين ۽ تماشن، راڳ رنگ ۾ مصروف ٿيڻ به ڇڏي ڏيڻ آهي. افسوس آهي جو اڄڪلهه جا مسلمان قرآن کان نهايت غافل ٿي رهيا آهن. اُن جي پڙهڻ، سوچڻ، سمجهڻ ۽ هدايتن مان مستفيد يا بهره ور ٿيڻ ڏانهن توجهه نٿا ڪن. ۽ اهو کُليو کلايو قرآن پاڪ کي ترڪ ڪرڻ آهي. الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ انهن کي ان جي طرف راغب ۽ ان جي تلاوت ۾ مشغول رهڻ جي توفيق بخشي جيئن هو ان تي عمل ڪن ۽ ڪونين (ٻنهي جهانن) جي فلاح حاصل ٿئي.“

**(مترجم قرآن عظيم حوالو: 457، تاج ڪمپني لميٽيڊ)**

بسم الله الرحمٰن الرحيم

هي ڪتابچو
هن حقير ۽ ناچيز مؤلف
نومبر 1970ء ۾ مديني منور ۾

## مولانا سيد محمد يوسف بنوري رحمة الله عليه

جي خدمت ۾ ان گزارش سان پيش ڪيو تہ پاڻ ان تي هڪ نظرثاني ڪرڻ فرمائين ۽ جيڪڏهن ڪا غلطي محسوس ڪن تہ اصلاح فرمائين. ان ڪري جو مؤلف ان کي گهٽي تعداد ۾ ڇپرائڻ چاهي ٿو.

الحمد لله مولانا يوسف بنوري رحمة الله عليه جن مسجد نبوي صلى الله عليه وسلم ۾ اعتڪاف جي حالت ۾ شروع کان آخر تائين پڙهيو ۽ فقط هڪ جڳهہ تي ئي اصلاح جي تجويز فرمائي جيڪا ٻئي ايڊيشن ۾ ڪئي وئي.

اهڙي طرح هن ڪتابچي کي الله تبارك وتعالیٰ جي فضل ۽ ڪرم سان حضرت مولانا يوسف بنوري رحمة الله عليه جي مڪمل تصديق ۽ تائيد حاصل آهي.

خاڪسار: ڊاڪٽر اسرار احمد عفي عنه

# استخاره جي دعا

سيدنا جابر رضي الله عنه فرمائي ٿو تہ نبي صلي الله عليه وسلم جن اسان کي سمورن معاملن ۾ استخاره ڪرڻ ائين سيکاريندا هئا جيئن قرآن جون سورتون سيکاريندا هئا ۽ فرمائيندا هئا: جڏهن اوهان مان ڪوبہ ڪنهن ڪم جو ارادو ڪري تہ فرض ڪان سواءِ بہ رڪعتون ادا ڪري پوءِ هيءَ دعا گهري:

﴿اَللّٰهُمَّ اِنِّيْٓ اَسْتَخِيْرُكَ بِعِلْمِكَ وَاَسْتَقْدِرُكَ بِقُدْرَتِكَ وَاَسْئَلُكَ مِنْ فَضْلِكَ الْعَظِيْمِ فَاِنَّكَ تَقْدِرُ وَلَا اَقْدِرُ وَتَعْلَمُ وَلَا اَعْلَمُ وَاَنْتَ عَلَّامُ الْغُيُوْبِ اَللّٰهُمَّ اِنْ كُنْتَ تَعْلَمُ اَنَّ هٰذَا الْاَمْرَ خَيْرٌ لِّيْ فِيْ دِيْنِيْ وَمَعَاشِيْ وَعَاقِبَةِ اَمْرِيْ فَاقْدِرْهُ لِيْ وَيَسِّرْهُ لِيْ ثُمَّ بَارِكْ لِيْ فِيْهِ وَاِنْ كُنْتَ تَعْلَمُ اَنَّ هٰذَا الْاَمْرَ شَرٌّلِّيْ فِيْ دِيْنِيْ وَ مَعَاشِيْ وَعَاقِبَةِ اَمْرِيْ فَاصْرِفْهُ عَنِّيْ وَاصْرِفْنِيْ عَنْهُ وَاقْدِرْ لِيَ الْخَيْرَ حَيْثُ كَانَ ثُمَّ اَرْضِنِيْ بِهٖ﴾

”اي الله! آئون توکان تنهنجي علم سان خير ۽ ڀلائي گهران ٿو ۽ تنهنجي قدرت سان طاقت گهران ٿو ۽ توکان تنهنجي وڏي ڀاڄھ جو طلبگار آهيان، ڇو تہ تون ئي قدرت رکين ٿو ۽ آئون قدرت نٿو رکان، ۽ تون ئي ڄاڻين ٿو ۽ آئون نہ ٿو ڄاڻان ۽ تون ئي غيب کي ڄاڻيندڙ آهين. اي الله! جيڪڏهن تنهنجي علم جي مطابق هي ڪم (انهيءَ ڪم جو نالو وٺي ) منهنجي لاءِ ڀلائي وارو آهي منهنجي دين ۽ گذران جي لحاظ کان ۽ منهنجي ڪم جي پڄاڻي جي لحاظ کان (بہ ڀلوآهي) تہ ان جو منهنجي حق ۾ فيصلو ڪري ڇڏ ۽ منهنجي لاءِ (اهو ڪم) آسان فرماءِ پوءِ انهيءَ ۾ برڪت پيدا فرماءِ ۽ (اي الله!) جيڪڏهن تنهنجي علم جي مطابق هي ڪم منهنجي لاءِ برو آهي منهنجي دين ۽ گذران جي لحاظ کان ۽ منهنجي ڪم جي پڄاڻي جي لحاظ کان (بہ برو آهي) تہ ان کي مون کان پري ڪر ۽ مون کي ان کان پري ڪر ۽ ڀلائي جتي بہ هجي ان جو منهنجي حق ۾ فيصلو ڪري ڇڏ ۽ مون کي ان تي راضي ڪري ڇڏ.“ (صحيح البخاري: 1162)

# نماز کانپوءِ جا مسنون اذڪار

❖ اَللّٰهُ اَكْبَرُ اَسْتَغْفِرُ اللّٰهَ اَسْتَغْفِرُ اللّٰهَ اَسْتَغْفِرُ اللّٰهَ (بخاري) (مسلم)

(الله سڀ کان وڏو آهي) (آئون الله کان بخشش گهران ٿو)

❖ اَللّٰهُمَّ اَنْتَ السَّلَامُ وَمِنْكَ السَّلَامُ تَبَارَكْتَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَامِ۔ (مسلم)

اي الله ! تون ئي سلامتي وارو آهين ۽ تنهنجي ئي طرفان سلامتي آهي. تون وڏو برڪت وارو آهين، اي وڏي بزرگي ۽ عزت جا مالڪ.

❖ اَللّٰهُمَّ اَعِنِّىْ عَلٰى ذِكْرِكَ وَشُكْرِكَ وَحُسْنِ عِبَادَتِكَ۔ (ابو داؤد، نسائي)

اي منهنجا رب! منهنجي مدد فرماءِ تنهنجي ذڪر ۽ شڪر ڪرڻ تي ۽ (ان تي تہ) آئون تنهنجي عبادت سٺي طريقي سان ڪندو رهان.

❖ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ. لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَیْءٍ قَدِيْرٌ. اَللّٰهُمَّ لَا مَانِعَ لِمَا اَعْطَيْتَ وَلَا مُعْطِيَ لِمَا مَنَعْتَ وَلَا يَنْفَعُ ذَاالْجَدِّ مِنْكَ الْجَدُّ (بخاري)

الله کان سواءِ ڪو بہ معبود ڪونهي. اهو اڪيلو آهي، ان جو ڪو بہ شريڪ ناهي. انهيءَ لاءِ بادشاهي آهي ۽ انهيءَ لاءِ ساراهہ آهي ۽ اهو هر شيءِ تي قادر آهي. اي الله ڪو بہ نہ ٿو روڪي سگهي انهيءَ شيءِ کي جيڪا تون ڏين، ۽ نہ ڪو ڏئي سگهي ٿو جنهن شيءِ کي تون روڪين، ۽ نہ فائدو ڏئي سگهي ٿي دولتمند کي تنهنجي عذاب کان ان جي دولت.

❖ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيكَ لَهٗ. لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ وَهُوَ عَلَى كُلِّ شَیْءٍ قَدِيرٌ. لَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ إِلَّا بِاللّٰهِ. لَآ إِلٰهَ إِلَّا اللّٰهُ. وَلَا نَعْبُدُ إِلَّا إِيَّاهُ. لَهُ النِّعْمَةُ وَلَهُ الْفَضْلُ. وَلَهُ الثَّنَآءُ الْحَسَنُ. لَآ إِلٰهَ إِلَّا اللّٰهُ مُخْلِصِينَ لَهُ الدِّينَ وَلَوْ كَرِهَ الْكَافِرُونَ (مسلم)

الله کان سواءِ ڪو بہ معبود ڪونهي. اهو اڪيلو آهي، ان جو ڪو بہ شريڪ ناهي. انهيءَ لاءِ بادشاهي آهي ۽ انهيءَ لاءِ ساراهہ آهي ۽ اهو هر شيءِ تي قادر

آهي. ناهي گناهہ کان بچڻ جي طاقت ۽ نہ نيڪي ڪرڻ جي قوت پر الله جي توفيق سان. الله کان سواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي ۽ نہ ئي عبادت ڪيون ٿا (ڪنهن بئي جي) سواءِ انجي. انهيءَ جون (اسان تي) نعمتون آهن ۽ انهيءَ جو اسان تي فضل آهي ۽ ان لاءِ سٺي ساراهہ آهي. الله کان سواءِ ڪو بہ معبود نہ آهي. ان لاءِ اسان جي اطاعت آهي توڙي ڪٽي ڪافر برو سمجهن.

❖ سُبْحَانَ الله (33 ڀيرا) اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ (33 ڀيرا) اَللّٰهُ اَكْبَرُ (33 ڀيرا) (مسلم)

(پاڪ آهي الله) (سموريون ساراهون الله لاءِ آهن) (الله سڀ کان وڏو آهي)

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ. لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ

الله کان سواءِ ڪو بہ معبود ڪونهي. اهو اڪيلو آهي، ان جو ڪو بہ شريڪ ناهي. انهيءَ لاءِ بادشاهي آهي ۽ انهيءَ لاءِ ساراهہ آهي ۽ اهو هر شيءِ تي قادر آهي

❖ آيت الڪرسي هڪ ڀيرو (سلسلة الاحاديث الصحيحہ)

﴿اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ اَلْحَيُّ الْقَيُّوْمُ﴾

❖ سورة الاخلاص، سورة الفلق، سورة الناس (ابو داؤد، نسائي)

﴿قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ﴾

﴿قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ الْفَلَقِ﴾

﴿قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ النَّاسِ﴾

ظهر، عصر ۽ عشاءِ کان پوءِ هڪ هڪ ڀيرو. فجر ۽ مغرب کان پوءِ ٽي ٽي ڀيرا

❖ فجر جي نماز کان پوءِ هي دعا پڙهو: (ابن ماجہ: 925)

﴿اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَسْاَلُكَ عِلْمًا نَافِعًا وَرِزْقًا طَيِّبًا وَعَمَلًا مُتَقَبَّلًا﴾

اي الله! آئون توهان کان فائدو ڏيڻ واري علم، پاڪ رزق ۽ قبول ٿيڻ واري عمل جو سوال ڪريان ٿو

## انجمن خدام القرآن

جي قيام جو مقصد

ايمان جي مرڪز .... ۽ .... يقين جي سرچشمي

## قرآن حڪيم

جي علم ۽ حڪمت جي

وسيع پئماني .... ۽ .... اعليٰ علمي سطح

تي تشهير ۽ اشاعت آهي

ته جيئن مسلمان امت جي سمجهدار طبقي اندر

## تجديدِ ايمان

جي هڪ عمومي تحريڪ اُڀري پوي

۽ اهڙي طرح

اسلام جي ٻيهر احياء ... ۽ ... دينِ حق جي غالب ٿيڻ

جي راهه هموار ٿي سگهي.

وَمَا النَّصْرُ اِلَّا مِنْ عِنْدِ اللهِ

150235